خبرنامو

# سنڌي ٻولي

فيبروري 2025ع حيدرآباد




## خاص شمارو:

## سنڌي ٻولي-قومي ٻولي جاڳرتا مهم

## ڳالهايون ٻولهايون تہ سنڌيءَ ۾ - لکون پڙهون تہ سنڌيءَ ۾ - جيئون مرون تہ سنڌيءَ ۾

# سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ جو حصو بڻجو

جيتوڻيڪ 'سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم' سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ميزبانيءَ هيٺ سنڌي ادبي سنگت، سگا، استاد تنظيمن ۽ آرٽس ڪائونسلن گڏجي شروع ڪئي آهي، پر اُها پنهنجيءَ نوعيت، رٿابنديءَ ۽ لائحہ عمل جي بيهڪ ۾ محدود يا مخصوص ناهي. اُها هر ڪنهن اداري، تنظيم ۽ مڙني سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪندڙن جي تحريڪ آهي. اسان مان هر سنڌي توڙي سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪندڙ ڪي هن تحريڪ سان پاڻُ سلماڙجڻ ۽ ڳنڍجڻُ کپي. انهيءَ لاءِ نہ ڪنهن وٽان اطلاع جو انتظار ڪرڻ کپي، نہ ڪنهن کان اجازت وٺڻ کپي. جيڪو جتي آهي، اُهو اُتي ئي هن تحريڪ جو سفير ۽ سرواڻ آهي.

هيءَ اسان جي هزارين سالن جي مجيل ۽ محبوب سڃاڻپ کي بچائڻ ۽ پنهنجي هن اَمل ورثي تان دست برداريءَ کان آجي واڻيءَ جي سگهاري تحريڪ آهي.

هن اهم تحريڪ سان ڪُلي طرح جڙڻ لاءِ اوهين ڇا ڪري سگهو ٿا؟

طريقو بلڪل سادو آهي:

- اوهان سڀ کان پهرين سوشل ميڊيا فورمن جي اڪائونٽن تي رکيل پنهنجي تصوير (پروفائيل پڪچر) مهم جي نعري سان گڏ لڳايو.
- اوهان پنهنجي سوشل ميڊيا جي هر پوسٽ سنڌيءَ ۾ لکو ۽ "سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ" جي هئش ٽئگ سان لکو ۽ هيش ٽيگ عام ڪريو:

#ILoveSindhiLanguage - #SindhiLanguageNationalLanguage

- اوهان پنهنجي ڪٽنب، ٻارن، دوستن ۽ دفتر وارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪريو.
- جيڪڏهن اوهان ٽڪ ٽاڪر آهيو، فلمون ۽ ڊراما ٺاهيندڙ آهيو، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ معياري ڊراما ۽ فلمون ٺاهيو ۽ ماڻهن ۾ سنڌيءَ سان پيار جاڳائڻ لاءِ ان فن کي ڪتب آڻيو.
- اوهان بازار ۾ سامان خريد ڪرڻ وڃو تہ دڪاندارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.
- اوهان پنهنجي گهر ۽ آفيس ۾/ٻاهران نالي جي تختي سنڌيءَ ۾ لکرائي لڳايو.
- جن دڪانن تان سيڌو سامان وٺو ٿا، تن کي محبت ۽ پنهنجائپ سان چئو تہ مهرباني ڪري بورڊ سنڌيءَ ۾ لڳرايو، جي بورڊ ڪا ڪمپني مفت ۾ ڏئي ٿي وڃي تہ ان سان شرط رکو تہ بورڊ تڏهن لڳندو، جڏهن اُهو سنڌيءَ ۾ لکيل هوندو يا انهيءَ ۾ انگريزيءَ/ اردوءَ سان گڏ سنڌي ٻولي لازمي طور هوندي؛ ۽ اُها مٿان مٿان ۽ نمايان طور لکيل هوندي.
- سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ هر سرڪاري توڙي خانگي اداري کي سنڌيءَ ۾ درخواست لکو. جن بہ ادارن ۾ سنڌي ٻولي رائج نہ هجي، تن کي اهڙي ياد ڏياريو ۽ ڪائڻن مطالبو ڪريو تہ جو ڪجهہ هنن انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکيو آهي، سو سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ لازمي لکن.
- بينڪن، سياسي پارٽين، اين جي اوز ۽ نجي ڪمپنين وغيره کي خط لکو تہ اهي پنهنجا اشتهار، پمفليٽ، پوسٽر ۽ ٻيو هر قسم جو عوامي مواد لازمي طور سنڌيءَ ۾ بہ ڇپرائين.
- ڪراچيءَ سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ موجود ايئرپورٽ اختيارين کي خط لکو تہ ايئرپورٽ تي "ويلڪم" ۽ "خوش آمديد" سان گڏ "ڀلي ڪري آيا" بہ لازمي طور لکن.
- ڪراچي، سکر، حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن جي ڪمشنرن ۽ ميئرن سان ملو ۽ کين خط بہ لکو تہ اهي شهر جي رستن، گهٽين، عوامي باغن ۽ پارڪن، ميل جي بورڊن ۽ پٿرن، پُلين ۽ سرڪاري دفترن تي انگريزيءَ ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌي لکت کي لازمي ۽ يقيني بڻائين.
- سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ علمي ادبي فورمن، تنظيمن، آرٽس ڪائونسلن کان مطالبو ڪريو تہ اهي سال ۾ جيترا پروگرام، ڊراما ۽ ثقافتي سرگرميون ٻين ٻولين ۾ ڪن ٿيون، انهن کان وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ انهن جي برابر لاڳاپيل سرگرميون سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪن.
- نادرا مان سڃاڻپ ڪارڊن يا هر قسم جي سرٽيفيڪيٽن ٺهرائڻ مهل عملدارن ۽ عملي کان گهر ڪريو تہ اهي سنڌيءَ ۾ ٺاهي ڏين.
- واقفيت (وزٽنگ) ڪارڊ، شادي ڪارڊ، نڪاح ناما، ڄم ۽ موت جا سرٽيفڪيٽ سنڌيءَ ۾ لکرايو؛ ۽ مرحوم عزيزن جي قبرن جا ڪَتبا پڻ سنڌيءَ ۾ لڳرايو.
- جن اسڪولن ۾ اوهان جا ٻار پڙهن ٿا، تن کي خط لکو ۽ زور ڀريو تہ اوهان جي ٻارن کي سنڌي سبجيڪٽ بہ ايئن پڙهائين، جيئن انگريزي يا ٻيا سبجيڪٽ پڙهائين ٿا. نہ پڙهائڻ جي صورت ۾ هنن خلاف شڪايت ڪريو. ٻين والدين کي بہ انهيءَ مسئلي ۾ پاڻ سان جوڙيو.
- چيٽ جي پي ٽي، ڊيپ سيڪ يا ٻين فورمن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ۽ اُهي جيڪي غلطيون ڪن ٿا، تن کي درست ڪرايو.
- جنهن بہ شهر ۽ ڳوٺ ۾ رهو ٿا، اُتي ماڻهن کي سنڌي ٻوليءَ جي واهپي جي اهميت سمجهايو.
- اوهان جو ننڍي کان ننڍو عملُ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ، واهپي ۽ ترقيءَ ۾ ڀاڱيوار بڻبو.

_ ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سنڌي ٻولي-قومي ٻولي جاڳرتا مهم - 2025ع

# اداريو

جڏهن ادارن کي نصب العين تحت هلايو ويندو آهي تہ حاصلات، ترقي ۽ ڪاميابي يقيني ٿي پوندي آهي ۽ قوم جي پڻ ناماچاري ٿيندي آهي. اهڙن ادارن ۾ سنڌ جو قومي ادارو ’سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو‘ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

خبرنامي جو هيءُ خاص پرچو ’سنڌي ٻولي-قومي ٻوليءَ‘ جي گونجندڙ نعرن سان سرشار آهي. هن ئي سال جي شروعات ۾ اداري جي سربراهہ ڊاڪٽر اسحاق سميجي فيبروري 2025ع واري مهيني کي ”سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ“ لاءِ مخصوص ڪري جاڳرتا مهم طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جي مکيہ نعري ’سنڌ ٻولي-قومي ٻولي‘ جي گونجار سان سنڌ جي سڀني ساجاهہ وندن کي هن قومي مهم جو حصو بڻجڻ جو سڏ ڏنو ويو.

اداري جي ان سڏ کي ورنائيندي، سنڌ جي باشعور طبقي 23 جنوريءَ تي ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي. سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن، سپلا، گسٽا، پ.ٽ.الف. ڪاليج ۽ يونيورسٽين جي استاداڳواڻن سميت ليکڪن جي شرڪت هن مهم کي وڏيڪ سگهارو ڪيو. 31 جنوريءَ جي شام اداري جي ’ڊاڪٽر بلوچ‘ هال ۾ ان جاڳرتا مهم جي افتتاحي تقريب ۾ نامور شخصيتن نورالهدي شاهہ، آڪاش انصاري (جيڪو ڪجهہ ڏينهن بعد ئي هڪ المناڪ سانحي ۾ وڇڙي ويو) ان کان علاوه سينيئر سياستدان سسئي پليجو (جنهن ڏهاڪو سال اڳ هن ئي اداري جي سهڪار سان ان ساڳئي مطالبي کي اعليٰ ايوانن تائين پهچايو هو) ناميارو دانشور جامي چانڊيو هن پيري بہ ان قومي مطالبي ۾ اداري سان همقدم رهيو. سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل نورچاڪراڻي ۽ سگا جي نمائندن پڻ افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ٻئي ڏينهن هن جاڳرتا مهم جي سرگرمين جي باقاعده شروعات هڪ شاندار ريليءَ جي صورت ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ اديبن، استادن، شاگردن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

هن مهيني دوران مختلف پروگرامن تي سيمينارن کان علاوه اداري جي هڪ گاڏيءَ کي دستخطي مهم، لاءِ مخصوص ڪيو ويو ۽ ان کي سينگاري، سڄي سنڌ جي دوري تي روانو ڪيو ويو. جنهن جي هر شهر ۾ شاندار آجيان ٿي. مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن 21 فيبروري ۽ 24 فيبروري تي اسلام آباد ۾ سياسي ۽ سماجي فورمن ذريعي سنڌيءَ سميت پاڪستان جي مکيہ ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيارڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس ۽ مذاڪرو پڻ منعقد ڪيو ويو. جن ۾ مادري ٻولين تي ادبي ميلي جي انتظاميہ ۽ اڪادمي ادبيات پاڪستان جو سهڪار حاصل رهيو. انهن سڀني سرگرمين جو تصويري ۽ تحريري احوال هن پرچي ۾ شامل آهي. هيءُ پرچو هن تحريڪ جي شاهد طور تاريخ ۾ زنده رهندو.

**ايڊيٽر**


خبرنامو

سنڌي ٻولي

حيدرآباد

فيبروري 2025ع

جلد: 24، شمارو: ٽيون 2025ع

Email: khabarnamo@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org



چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سيڪريٽري:
ڊاڪٽر احسان دانش

ايڊيٽر:
شوڪت چاچڙ
سليم جروار

گرافڪس ڊزائينر:
فيصل ميمڻ



ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد




# ”سنڌي ٻولي- قومي ٻولي جاڳرتا مهم“ افتتاحي تقريب

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران فيبروري مهيني کي ”سنڌي ٻولي-قومي ٻولي“ جاڳرتا جو مهينو ڪري ملهائڻ جي اعلان تحت، ان مهم جي افتتاحي تقريب اداري جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ نامور شخصيتن، عالمن، اديبن کان علاوه علمي، ادبي تنظيمن جا سربراهه پڻ شريڪ ٿيا. هن تقريب جي صدارت ناليواري ليکڪ نور الهديٰ شاهه ڪئي، جڏهن ته خاص مهمانن ۾ پ پ اڳواڻ سسئي پليجو، ناميارو شاعر آڪاش انصاري، ناميارو دانشور جامي چانڊيو ۽ س.ا.س جو سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي شامل هئا.

ثقافت کاتي جي اڳوڻي وزير سسئي پليجو ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ صوبن جي خودمختياري ۽ سمورن حقن جي ڳالهه ڪيل آهي، پر بدقسمتيءَ سان اسان اڄ تائين پنهنجي ٻوليءَ جي قومي سڃاڻپ ۽ بقا لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته هن جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ ٻوليءَ جي بقا ڪي ڇڏي، اسان ٻين معاملن تي ڪم ڪيون، پر ايئن نه آهي. سنڌي ٻولي هزارين سال قديم آهي ۽ اسان ان جي بقا لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا رهنداسين. هن وڌيڪ چيو ته هوءَ جڏهن سينيٽر هئي، تڏهن به هن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ بل پيش ڪيو، پر افسوس آهي ته ان بل تي هڪ وفاقي پارٽي گڏ نه بيٺي. هن موجب پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هميشه ڪوشش رهي آهي ته سنڌي ٻولي ۽ ٻين صوبن جي قومن جي ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريو وڃي. هن چيو ته 2010ع کان پوءِ اسان حڪومتي سطح تي هڪ اعليٰ ڪميٽي جوڙي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳواڻيءَ ۾ نه صرف سنڌي، پر ٻين ٻولين جي قومي مڃتا لاءِ جدوجهد جي شروعات ڪئي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ لاءِ تيار ٿيندڙ سافٽ ويئر، ڪمپيوٽر ايپليڪيشنز تي ڪم ساراهه جوڳو عمل آهي.

صدارتي تقرير ڪندي نامور ليکڪ نورالهديٰ شاهه چيو ته اداري جي چيئرمئن ڪي جس هجي، جنهن روايتي سرڪاري انداز سان نه پر همٿ ۽ جذبي سان سنڌي ٻوليءَ کي مڃتا ڏيارڻ لاءِ هيءَ مهم جوئي ڪئي آهي.

ٻولي اسان جي بقا لاءِ 'لائف سيونگ جيڪٽ' جهڙو ڪردار ادا ڪري ٿي. هر ٻولي هزارين سالن جو سفر ڪري تبديل به ٿئي ٿي، پر هر قوم وٽ ڪنهن به للڪار کي مُنهن ڏيڻ، ڪنهن به حق تلفيءَ خلاف آواز اٿارڻ لاءِ به مادري ٻولي ئي پراثر ذريعو آهي، جهڙيءَ ريت سنڌ واسي پنهنجي قومي حقن لاءِ پرامن طريقي سان مزاحمت ڪن ٿا، اتي به سنڌي ٻولي اظهار جي موثر ذريعو بڻجي ٿي. هن ٻڌايو ته ماضيءَ ۾ جڏهن ٻوليءَ جا فساد ٿيا، تڏهن آئون ننڍي هئس ۽ ان وقت بابا منهنجي آڏو هڪ سنڌي اخبار پڙهڻ لاءِ ڏني، تنهن کان پوءِ مون سنڌي ٻوليءَ کي اهم سمجهندي باقاعده سنڌيءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ شرع ڪيو. موجوده دور ۾ جتي خانگي












اسڪول سنڌي نہ پڙهائڻ. رياست سنڌي ٻوليءَ کي گهربل درجو نہ ڏيئي سگهي، پر اسان کي ماٺ ڪري ناهي ويهڻو. سنڌي اسان جي عظيم ۽ قومي ٻولي هئي، آهي ۽ رهندي.

نوالهديٰ شاهہ چيو تہ مادري ٻولي اها آهي جيڪا مادر وطن جي ٻولي آهي ۽ اسان جو ملڪ ڪٽي ڪهڙو بہ هجي پر وطن سنڌ آهي ۽ سنڌي اسان جي ٻولي آهي ۽ هي ملڪ بہ اسان جي وطن جي ڌرتيءَ تي ئي وجود ۾ آيو آهي، ان ڪري رياست کي سمجهڻ گهرجي تہ گڏيل طور ڀلي هو اسان کي عوام سمجهي، پر بنيادي سڃاڻپ اسان جي سنڌيت ۽ قوم واري آهي ۽ هر مکيہ قوم جي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ملڻ گهرجي. سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پنهنجي قومي تشخص لاءِ حساس آهي، هر سنڌي فرد کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌي ٻولي ئي اسان جي بقا جي ضامن آهي.





جاڳرتا مهم جا مقصد ٻڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمين اسحاق سميجي چيو تہ اسان ڪنهن بہ ٻوليءَ کي گهٽ يا وڏ نٿا سمجهون، پاڪستان جون سڀ ٻوليون قابل احترام آهن، اسان جي اها تحريڪ نہ صرف سنڌي ٻوليءَ کي پر پاڪستان جي سمورين مُک ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ آهي. هن چيو تہ ان حوالي سان ملڪ جي سمورين قوميتن کي اسان جي ان مطالبي جي حمايت ۾ گڏ بيهڻ گهرجي. پنجابي، سرائيڪي ۽ ٻين ٻولين کي بہ پنهنجي سڃاڻپ ملڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ شايد هن جاڳرتا مهم جو مقصد سنڌي ٻوليءَ کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي لاءِ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ اسان جي شاديءَ جا ڪارڊ، وزيٽنگ ڪارڊ، دڪانن جا بورڊ، نڪاح نامہ، ڄم ۽ موت جا سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون انگريزيءَ ۾ ٺاهيون پيون وڃن. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ڌارين ٻولين جي بجاءِ پنهنجي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيون. هن وڌيڪ چيو تہ خانگي اسڪولن جي قانون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مضمون پڙهائڻ لاءِ لاڳاپيل اداري کان پڇا ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻولي پڙهڻ سکڻ اسان جي ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ اسڪول پابند آهن، ان ڪري توهان اسڪولن جي انتظاميہ کي بہ پابند بڻايو تہ اسان جو ايندڙ نسل سنڌي ٻولي پڙهي ۽ سکي. هن چيو تہ اسان کي درخواستون وغيره بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجن ۽ ان سان گڏوگڏ اسان گهرن ۾ پنهنجي ٻارن سان بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون تہ جيئن اسان جا ٻار شاهہ لطيف ۽ سچل جي فڪر فلسفي سان ڳنڍيل هجن.





ناميارِي دانشور جامي چانڊيي چيو تہ انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي سماج جي اوسر ۾ ٻوليءَ جو هڪ اهم مقام آهي، ٻوليءَ صرف ابلاغ جو ذريعو نہ آهي ڇا ڪاڻ تہ اسان جيڪڏهن ڪنهن سان نہ بہ ڳالهايون تہ اسان جو تخيل بہ پنهنجي ٻوليءَ جي پرچار ڪندو آهي. هن چيو تہ ڪولهي، باگڙي ۽ اصلوڪو دراوڙ جيڪي عيسائي يا ڪنهن ٻئي مذهب ۾ شامل ٿيا. انهن وٽان سنڌي ختم ٿي چڪي آهي. هن چيو تہ هن وقت دنيا ۾ ست هزار ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون












### سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ

# سنڌي ٻولي_قومي ٻولي: ٻارڙن ۽ ليکڪن جي شاندار ريلي

**1 فيبروري 2025ع:**

سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو جذبو جاڳائڻ ۽ ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ جي مقصدن تحت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هڪ شاندار ريليءَ جو سڏ ڏنو ويو جنهن ۾ اديب، عالم، شاگرد ۽ عورتون پڻ وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران اعلانيل "سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي جاڳرتا مهم" جي سرگرمين جي شروعات حيدرآباد ۾ ڪوٺايل هن شاندار ريليءَ جي صورت ۾ ڪئي وئي.

اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، جي اڳواڻيءَ ۾ ڊاڪٽر احسان دانش، ناليواري شاعر علي دوست عاجز، عزيز گوپانگ، ڊاڪٽر محمود مغل، روبينه صديقي، بختاور ڄام، انور منصور، دودو چانڊيو، بينظير جوڻيجو، زبيده جوڻيجو سفينه ميمڻ، مهرين قاضي، شوڪت چاچڙ، الله بخش ڪنير، سليم جروار، زاهد اوٺو استاد خادم سنجراڻي، سڪندر ٻڙدي، حافظ انيڙ سميت وڏي انگ ۾ اسڪولي شاگردن، شاگردياڻين، استادن، ليکڪن ۽ صحافين شرڪت ڪئي. هيءَ ريلي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي آفيس کان نڪري قومي شاهراهه تان پونم چوڪ ۽ عيدگاهه کان ٿيندي آفيس تي ختم ٿي. ريليءَ ۾ هن مهم لاءِ تيار ڪيل گاڏيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت خوبصورت گيت هلندا رهيا ۽ شريڪ ماڻهن "سنڌي ٻولي-قومي ٻولي" جا نعرا پڻ هنيا. ريليءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي اڱڻ























تي ٿيل اسٽيج تي گورنمينٽ گرلز اسڪول اولڊ وحدت ڪالوني ۾ نور محمد هاءِ اسڪول جي ٻارن ٻوليءَ بابت گيتن تي ٽيبلا پيش ڪيا، جڏهن تہ ٻالڪ فنڪارن جانب سومري، آمنہ چانڊيو، راحت ٻرڙي ۾ انتخاب ٻرڙي فن جو مظاهرو ڪيو.

ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر علي دوست عاجز چيو تہ "ڌرتيءَ تي ڪجھ ٻوليون خوشنصيب ٿينديون آهن. اسان جي ٻولي اها خوشنصيب ٻولي آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف جي شاعري آهي. لطيف سرڪار جي خوبصورت رسالي جھڙو مثال ڪنهن ٻوليءَ ۾ نٿو ملي. هن چيو تہ انسان پنهنجي ضمير ۾ اندر جو بهترين اظهار پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ڪري سگهي ٿو. اسان کي پنهنجي ماءُ ٻوليءَ سان پيار آهي، تڏهن ئي اسان پنهنجي ٻوليءَ کي ان جي حيثيت ڏيارڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهيون."

ناليواري ليکڪ ۽ براڊڪاسٽر ڊاڪٽر محمود مغل چيو تہ "اسان کي ٻي ڪنهن ٻوليءَ سان مسئلو ناهي، پر اسان صرف اهو ٿا چئون تہ اسان جي ٻوليءَ کي پنهنجي تاريخي اهميت ملڻ گهرجي. هن چيو تہ اڄ جو ٻار پنهنجو پورو وقت موبائيل اسڪرين کي ڏئي ٿو. هاڻ جي ماءُ بہ اها سکيا نہ پئي ڏئي، جيڪا ٻار کي ماءُ جي جهوليءَ ۾ ملڻ گهرجي. ٻار 18 مهينن کان سمجهڻ لڳندو آهي ۽ ڇهن سالن جي عمر تائين اهو ٻار هزارين لفظ سکي ۽ ياد ڪري ٿو. ان ڪري ابتدائي عمر ۾ ٻارن کي پنهنجي مادري زبان ۾ سکيا ملڻ انهن جي بنياد کي مضبوط ڪندو."

پروفيسر بينظير جوڻيجو چيو تہ "اڄ جو ٻار رشتن جا نالا بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ نٿو اُچاري. ماسي جي جاءِ تي خالا، چاچي جي بجاءِ آنٽي چوڻ جڻ تہ هاڻ رواج بڻجي چڪو آهي، اهو رويو ختم ڪرڻو پوندو. ٻارن کي درست لفظ سيکارڻا پوندا. هن چيو تہ جيستائين اسان پاڻ پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت نہ ڏينداسين، تيستائين ٻيو ڪير اسان جي ٻوليءَ جو احترام نہ ڪندو."

گورنمينٽ گرلز اسڪول اولڊ وحدت ڪالونيءَ جي پرنسپال روبينہ صديقيءَ چيو تہ "اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر هنڌ سنڌي ڳالهائڻي پوندي، تڏهن ٻيا بہ اسان جي ٻوليءَ کي اهميت ڏيندا. اسان جي سڃاڻپ اسان جي ٻولي آهي. اسان کي پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ گهرجي."




# ٻولين جي گهڻ رنگائي: حيثيت، حق ۽ سڃاڻپ جي قبوليت



**اسلام آباد: 24 فيبروري 2025ع:**

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي سهڪار سان اڪيڊمي جي شيخ اياز ڪانفرنس هال اسلام آباد ۾ ”زبانون کا تنوع: حيثيت، حقوق اور شناختي قبوليت“ جي عنوان هيٺ هڪ ڏينهن جي ملڪ گير ڪانفرنس ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو سرائڪي، پنجابي ۽ اردو ٻولين جي ليکڪن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي. پاڪستان ۾ مادري ٻولين کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جي گهر سان گڏ پنجاب، خيبرپختونخواه ۽ بلوچستان جي اسيمبلي ميمبرن کان بہ مطالبو ڪيو ويو تہ جيستائين مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ملي، تيستائين سمورا صوبا سنڌ اسيمبليءَ وانگر آئين جي آرٽيڪل 152 جي شق 3 جو فائدو وٺندي، پنهنجين ٻولين جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ اپاءَ وٺن. ڪانفرنس جي صدارت ملڪ جي نامور پارليامينٽرين، قانوندان ۽ سينيٽ آف پاڪستان جي اڳوڻي چيئرمئن ميان رضا ربانيءَ ڪئي.

سينيٽر ميان رضا رباني پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ”پاڪستان کي يونيسڪو پاران ملهائجندڙ مادري ٻولين واري عالمي ڏينهن جو وڏيڪ احساس هجڻ کپي، ڇوتہ يونيسڪو اهو ڏينهن بنگالي ٻوليءَ جي شهيدن ۽ ٻوليءَ لاءِ جدوجهد کي پيٽا طور ملهائي ٿو. هن چيو تہ 1948ع ۾ هڪ ڊڪليئريشن تحت فيصلو ڪيو ويو تہ اردو واحد سرڪاري ٻولي ٿيندي، اسان جي اسٽيبلشمينٽ پهرئين ڏينهن کان گهڻ رنگائي کان چڙي ٿي ۽ اسان جيڪي ٻولين جي گهڻ رنگائي مڃائڻ جا خواهشمند آهيون، تن کي سمجهڻ کپي تہ اهو ايترو آسان نہ آهي. هن چيو تہ پاڪستان صوبائي خودمختياريءَ جي بنياد تي ٺهيو هيو. قائد اعظم جو تصور وفاقي، پارلياماني ۽ لبرل هيو پر بدقسمتيءَ سان قائد اعظم جي وڃڻ کان پوءِ ان کي تبديل ڪيو ويو. پوءِ ايندڙ حڪمران جنهن شئي کان وڌ ۾ وڌ خائف هئا، سا گهڻ رنگائي ۽ تاريخ آهي. اسان وٽ بعد ۾ رڳو مذهب ۽ اسلامائيزيشن جي بيانيي تي زور ڏنو ويو، ڇوتہ هنن جو خيال هيو تہ گهڻ رنگائي، ثقافت، نسلي گوناگونيت اهڙا عنصر آهن، جيڪي هڪ ٽيڻ ۾ رڪاوٽ آهن، جيڪو تصور ٺيڪ نہ آهي. هن چيو تہ ورهاڱي بعد سنڌو سڀيتا جي جاءِ عرب ڪلچر ورتي، جڏهن تہ سنڌو سڀيتا گهڻ ٻوليائي آهي. هن چيو تہ جيستائين وفاق ٻولين کي قومي ٻوليون تسليم ڪري، تيستائين پنجاب، ڪي پي ۽ بلوچستان سنڌ وانگر آئين جي آرٽيڪل 152 جي شق 3 جو فائدو وٺي صوبن ۾ ٻولين کي ترقي ڏيارين. هن زور ڏيندي چيو تہ اردو ۽ انگريزيءَ کي سرڪاري ٻولي برقرار رکندي ملڪ جي سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي تہ جيئن گهڻ رنگائي ۾ ايڪي کي هٿي وٺائي سگهجي. هن

سمورين سياسي پارٽين تي زور ڏنو تہ لساني حقن کي پنهنجو نصب العين بڻائي، انهن لاءِ سنجيدگيءَ سان ڪم ڪن.

نامور دانشور جامي چانڊيي ملڪ ۾ ٻولين جي قانوني ۽ آئيني حيثيت ۽ مجموعي صورتحال تي مک تقرير ڪندي چيو تہ "گھڻ لساني ملڪ لساني سڃاڻپ ۽ گوناگونيءَ جو مسئلو حل ڪرڻ بنا ترقي نٿا ڪري سگھون، نہ ئي پنهنجائپ حاصل ڪري سگھون ٿا. هن چيو تہ دنيا ۾ هزارين ٻولين جي ختم ٿيڻ جو خطرو موجود آهي ۽ ست هزار ٻولين مان گھٽجي اهو تعداد ٽي هزار ٿيڻ جي ويجھو آهي، هن سموري دنيا جي وفاقي ملڪن جو مثال ڏيندي تجويز ڏني تہ صوبائي حڪومتون پنهنجي پنهنجي اسيمبلين مان قانون سازي جي ذريعي پنهنجي ٻولين کي قومي ٻولي قرار ڏئي سگھن ٿيون."

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ "اڄوڪي ڪانفرنس ۾ اهي سمورا سوال، خدشا ۽ خواهشون موجود آهن. جيڪي وفاقي رياستن ۽ گھڻ ٻوليائي ملڪن ۾ سماجن سان لاڳاپو رکن ٿا. پاڪستاني معاشري جي چٽي حقيقت بہ اها آهي تہ هيءُ هڪ گھڻ ٻوليائي معاشرو آهي، پر ملڪي پاليسيون هڪ لساني آهن، نتيجي ۾ ٻيون سموريون مادري ٻوليون سڃاڻپ جي حق لاءِ ڪوشش ڪري رهيون آهن. اسان جو ادبي، تاريخي، ثقافتي ۽ فڪري ورثو گھڻ ٻوليائي آهي، ان کي سمجھڻ جي ضرورت آهي. اسان جي سڃاڻپ جي اصل سگھہ، رنگيني ۽ سونهن اها ئي آهي. ٻين ٻولين کي قومي ٻولي بڻائڻ جو مطالبو پاڪستان جي سڃاڻپ لاءِ خطرو پيدا ڪرڻ نہ پر ان کي وڌيڪ سگھارو ڪرڻ آهي. ڇو تہ مادري ٻوليون اسان جون پاڙون آهن. وڻ ۾ قلم يا پيوند لڳائي ٽاريون نيون پيدا ڪري سگھجن ٿيون، پر وڻ جون پاڙون بدلائي نٿيون سگھجن.

انڊس ڪلچرل فورم جي اڳوڻي چيئرپرسن منور حسن ميمڻ چيو تہ ٻولين جو تحفظ گھر کان شروع ٿيندو آهي. والدين جي پهرين ذميواري آهي تہ اهي گھر ۾ مادري ٻوليءَ جو استعمال ڪن. ان سان گڏ هن رياست تي بہ زور ڏيندي مطالبو ڪيو تہ سمورين ٻولين جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ سنجيده قدم کڻي.

نامياري دانشور انعام شيخ چيو تہ پاڪستان جي سمورين ٻولين ۾ وڏو ورثو ۽ قومي ذخيرو موجود آهي، انهن کي قومي سطح تي سڃاڻپ ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.



بلوچي ٻوليءَ جي نامور ليکڪ ڊاڪٽر واحد بخش بوزدار چيو تہ "مقامي ٻولين جو تحفظ صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن انهن کي بطور نصابي ٻوليءَ طور پڙهايو وڃي. ڳالهائڻ وارن کي پنهنجين ٻولين ڏانهن رويا بدلائڻ جي ضرورت آهي." پشتو ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندي، قائد اعظم يونيورسٽيءَ ۾ پاڪستاني ٻولين واري شعبي جي ڊائريڪٽر، نامياري اسڪالر ڊاڪٽر حنيف خليل چيو تہ "ٻولين جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ انهن کي معشيت جي ٻولي بڻائڻ ضروري آهي. ان سان ئي پائيدار ترقي ممڪن آهي."

سرائيڪي ٻوليءَ جي نامياري دانشور ۽ صحافي مظهر عارف چيو تہ "مختلف ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ لاءِ عوامي سطح تي مطالبو ڪرڻ گھرجي ۽ چونڊيل نمائندن کي ٻولين جي حيثيت کي تسليم ڪندي ايوانن ۾ ان تي آواز اٿارڻ گھرجي."

ڪانفرنس کي پنجابيءَ جي نامور شاعره ثروت محي الدين ۽ ڊاڪٽر سعديہ ڪمال پڻ خطاب ڪيو.

جڏهن تہ ڪانفرنس ۾ نامور سرائيڪي شاعر جهانگير مخلص، اختر رضا سليمي، حُسين جروار، مير نواز سولنگي، ڊاڪٽر حاڪم برڙو پناهہ بلوچ، اشفاق چانڊيو ڊاڪٽر منظور ويسريو ضياءُ الرحمان بلوچ، فضا قريشي، نذير قريشي، ريحانہ شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

***




## مباحثو

# مادري ٻوليون قومي ٻوليون ڇو نہ؟

اسلام آباد ۾ انڊس ڪلچرل فورم پاران هر سال ٿيندڙ ”مادري ٻولين جي ادبي ميلي“ ۾ هن سال هڪ ويهڪ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ميزبانيءَ ۾ ٿي گذري، جنهن جو عنوان ”مادري ٻوليون قومي ٻوليون ڇو نہ؟“ رکيو ويو. هن اهم موضوع تي ناميارن تجزيي نگارن پاڪستان ۾ ٻولين جي تاريخ، آئيني حيثيت، سياسي پسمنظر ۽ رياستي روين تي گهڻ طرفي گفتگو ڪئي. 21 فيبروري 2025 تي ٿيل ان مباحثي ۾ ڳالهائيندي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ سڀ کان پهرين اصلوڪي ٻولين جي اهميت کي تسليم ڪرڻ جي ضرورت آهي، هتي ٻاهران آيل چئن ٻولين انگريزي، عربي، فارسي ۽ اردو کي تہ اهميت ملي ٿي پر هزارين سالن کان رهندڙ قومن جي ٻولين جن ۾ هزارين نسلن جو فڪر، علم، حڪمت، وڏڙن جا مشاهدا ۽ يادون سمايل آهن، انهن کي اهو درجو ناهي ملي سگهيو. اهو رويو احساس محرومي پيدا ڪري ٿو. جيستائين ٻوليون ۽ انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن کي هڪ نظر سان نہ ڏٺو ويندو، اهو تضاد ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ رهندو. هن چيو تہ ٻوليون مارڪيٽ ۾ واهپي، ادب لکڻ، ميڊيا ۽ تعليم جي هجڻ سان ئي زنده رهنديون ۽ ان لاءِ سرڪار جي مدد گهرجي. هن ملڪ ۾ سنڌ واحد صوبو آهي جتي سنڌي سرڪاري طرح محفوظ آهي. سنڌ ۾ پرائمري کان يونيورسٽيءَ تائين سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، پر اتي بہ ٻين ٻولين جو غلبو آهي هن وقت سنڌ جي رستن تي لڳل بورڊ 20 سيڪڙو بہ سنڌيءَ ۾ ناهن. ڪراچي ۾ داخل ٿيڻ سان خوش آمديد جا بورڊ تہ نظر ايندا، پر ٻيلي‌ڪار جو بورڊ نہ هوندو. اهي پاليسيون ۽ روَيا اصلوڪين ٻولين کي هاڃو رسائن ٿا.

ناميارن دانشور جامي چانڊيي چيو تہ 21 فيبروري کي هر سال ٻولين جو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو جيڪا هڪ شاندار روايت آهي. اهو ڏينهن اسان کي جهنجهوڙي ۽ جاڳائي ٿو. هتي ٻوليءَ کي عام طور تي رابطي جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو جيڪا صفا ننڍڙي وصف آهي، ٻولي انسان جو انفرادي وجود آهي. ٻولي انسان جي شعور ۽ لاشعور ۾ وسي ٿي. هزارين سالن کان ڇا سوچيو، ڇا لکيو، ڪهڙا تجربا ۽ مشاهدا ٿيا، اهو سڀ اسان جي ٻولين ۾ آهي. انسان جون سوچون، خواب ۽ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي وجود سان پنهنجي ماءُ ٻوليءَ ۾ ڳالهائي ٿو يعني انسان جي وجود جي اندران جي ماءُ ٻولي آهي. هن چيو تہ دنيا جي وفاقي ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي، هندستان ۾ 29 صوبا آهن ۽ اتي 22 ٻولين کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت مليل آهي. اهو ئي سبب آهي جو هندستان ٻيا مسئلا هوندا پر اتي ڪوبہ لساني جهيڙو ناهي. هن چيو تہ ٻولين جي وچ ۾ ڪوبہ تضاد ناهي هوندو، ٻوليون هڪ ٻئي کي روايت، لفظ ۽ ادب ڏين ٿيون پاڪستان ۾ بہ سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي يا براهوي جو اردوءَ

سان ڪو جهيڙو ناهي. ان ڪري اسان جو مطالبو آهي تہ انگريزي ۽ اردو کي وفاق جي سرڪاري ٻولي رکي، سينني مکيہ ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي يا قوميتن جي ٻولين کي قومي ٻولي جي حيثيت ڏني وڃي. اهڙيءَ ريت پاڪستان جي دستور ۾ پڻ اها گنجائش موجود آهي تہ صوبائي سطح تي انگريزي ۽ اردوءَ کان سواءِ پنهنجي صوبن ۾ پنهنجي ٻولي رائج ڪري سگهن ٿا. سنڌ ان جو فائدو ورتو آهي ۽ اڄ منهنجو شناختي ڪارڊ منهنجي ماءُ ٻوليءَ ۾ آهي.

ناميارې سياستدان ۽ پاڪستان جي انساني حقن واري ڪميشن جي اڳوڻي چيئرمئن افراسياب خٽڪ چيو تہ ٻولي انسان جي زبان آهي، جنهن ۾ هو خواب ڏسي ٿو شاعري ڪئي وڃي ٿي، ادب ۽ تاريخ لکي وڃي ٿي. ٻوليءَ جو تعلق معيشت ۽ سماج سان آهي، ان ڪري ان ۾ حساسيت آهي. هن چيو تہ دنيا 21هين فيبروري جو ڏينهن ان ڪري ملهائي ٿي تہ دنيا ان مان سکي پر اسان وٽ ساڳين غلطين جو ورجاءُ ڪيو ٿو وڃي. هتي ماڻهن کي جوڙڻ بجاءِ ٽوڙيو ويو آهي. گڏ رهندي اها خبر ناهي تہ سنڌي ۾ ڇا پيو لکيو وڃي، پشتو ۾ ڇا تخليق ٿيو آهي. هن چيو تہ بنگالي ٻوليءَ کي جاءِ نہ ڏني وئي ان بنياد تي اڄ اهو الڳ ملڪ آهي. اهي تجربا پهرين ٿي چڪا آهن. وڌيڪ تجربا نہ ٿيڻ گهرجن. اردو اسان جي رابطي جي ٻولي آهي، ان ۾ رابطو ڪريون ٿا، ان ڪري هزارين سالن جي ٻولين کي ختم نہ ڪريو.

ناميارې صحافي وسعت الله خان چيو تہ 11 آگسٽ 1947ع تائين بہ قومي نظريو زنده هو 14 آگسٽ تي هڪ زنده رياست وجود ۾ آئي ۽ 15 آگسٽ تي بہ قومي نظريو مري ويو اسان وٽ جيڪا شئي پسند ايندي آهي، ان کي عقيدو ڪري ويهندا آهيون. هتي اهو محسوس ڪرايو ويو تہ جيئن انسان جو مذهب ٿيندو آهي، ايئن ٻوليءَ جو بہ ڪو مذهب ٿيندو آهي. هزارين سالن کان هلندڙ عربي زبان لاءِ اهو تاثر ڏنو ويو جڻ اها 14 سئو سال اڳ آئي آهي. هن چيو تہ پنجابيءَ لاءِ جڏهن گرمکي استعمال ڪئي وئي تہ سوچيو ويو تہ اها سِکن جي ٻولي آهي، ان سان اسان جو اسلامي تشخص ختم ٿي ويندو اڄ بہ ڪٿي ڪنهن پنجابي سان پنجابيءَ ۾ ڳالهايو ۽ ان کي محسوس ٿئي تہ ڳالهائڻ وارو لاهور يا گوجرانوالا جو پنجابي ناهي تہ اهو هڪدم اردوءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ٿي ويندو. جيڪڏهن پنجابي پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي ماءُ ٻولي سان پيار ڪندڙ هجي ها تہ 21 فيبروري 1952ع تي ڍاڪا ۾ لاش نہ ڪٽڻا پون ها. انسان جو ڌرتي ۽ زبان سان ڪھڙو تعلق آهي، اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي.

## 14هين فيبروريءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو ڏهاڙو ڪري ملهايو ويو




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سنڌي ادبي سنگت، سگا، استاد تنظيمن، آرٽس ڪائونسلن پاران هلندڙ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ 14 فيبروري 2025ع کي سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي ڏينهن طور ملهايو ويو. ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جو چوڻ هو تہ محبت جي عالمي ڏينهن کي اسان سنڌي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جي ڏينهن طور ملهايون تہ جيئن نئين نسل جو پنهنجي ماءُ ٻوليءَ سان ناتو جُڙي، هن ڏينهن اسان پنهنجي ماءُ يا اُن استاد جنهن سنڌي سيکاري ۽ پڙهائي، انهن کي گلن جا تحفا ڏيئي بہ هي ڏينهن ملهائي سگهون ٿا.

سنڌ سميت سموريءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙن کي پنهنجن ٻارڙن کي سنڌي سيکارڻ ۽ پڙهائڻ جو وچن ڪرڻ جي گذارش پڻ ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جي ٻئي هفتي دوران سنڌ جي ماڻهن کي گذارش ڪئي وئي تہ اهي سنڌ جي وڏي وزير، گورنر ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ کي خط لکن ۽ اداري پاران جاري ڪيل آنلائن پٽيشن پري جمع ڪرائن تہ جيئن سنڌ اندر اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي لازمي واهپي کي ممڪن بڻائي سگهجي.

# ٻوليون مرنديون ناهن، پر ٻولين کي ماريو ويندو آهي: شفقت قادري



3 فيبروري 2025ع

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ”ٻولين بابت ملڪي پاليسيون ۽ تنقيدي لساني پاليسي“ جي موضوع تي نامياري ليکڪ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر شفقت قادريءَ جو ليڪچر منعقد ڪيو ويو. ليڪچر دوران پروفيسر شفقت قادريءَ ٻولين جو پس منظر ٻڌائيندي چيو تہ ٻوليون مرنديون ناهن بلڪ ٻولين کي ماريو ويندو آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ مستقبل ڏسڻ ڇڏي ڏين تہ اها ٻولي سلامت نہ ٿي رهي سگهي. هن چيو تہ ٻوليءَ بابت پاليسي ناهڻ وقت سماج ۾ ان جي حيثيت کي ڏٺو ويندو آهي، اهو بہ ڏٺو ويندو آهي تہ ٻوليءَ جو طاقت سان ڪيترو تعلق آهي. طاقتور ترين جي ٻولين کي تہ سرڪاري اهميت ملي ٿي، پر پوئتي پيل سماجن ۽ ماڻهن جي ٻولين کي اهميت نٿي ڏني وڃي، بلڪ انهن کي ڌڪار جي ور چاڙهيو ٿو وڃي. ڪيترن ئي نامور ماڻهن ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي ٻولين کي ورنيڪيولر يعني غلامن جون ٻوليون سڏيو اها حاڪماڻي نفسيات اڄ تائين ختم نہ ٿي آهي. البتہ سنڌي اهڙي ٻولي آهي، جنهن جو ذڪر مولانا روم کان وٺي امير خسرو جي شاعريءَ ۾ بہ نالي سان ملي ٿو. خود هِندي بہ ڪا ٻولي نہ آهي، فارسين هندي بہ سنڌي کي ئي سڏيو هو.

هن ٻڌايو تہ باباءِ اردو مولوي عبدالحق چيو هيو تہ اردو تي پاڪستان جو ٿورو نہ آهي، پر پاڪستان تي اردوءَ جو احسان آهي. هي اُهائي سوچ آهي، جنهن اصلوڪين ٻولين کي گهٽ سمجهيو ٿي. هن چيو تہ دنيا جا ماهر اهو سمجهن ٿا تہ ماحوليات کي بچائڻ لاءِ مقامي ماڻهن جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي بچائڻو پوندو. ڇو تہ اتان جو ماڻهوئي ان ماحول کي سمجهي بہ ٿو ۽ ان جي پالنا بہ ڪري ٿو. هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ماحول کي وڌيڪ سمجهي ٿو ان ڪري ماحول محفوظ رهي ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ اسڪول ٻولي بچائي بہ سگهن ٿا تہ ماري بہ سگهن ٿا. انگريزي تعليم جي آڙ ۾ دنيا جي سوين اصلوڪين ٻولين جا بنياد ختم ڪيا پيا وڃن. جهڙيءَ ريت انگريزي اڳتي وڌي رهي آهي، دنيا جون اڌ کان وڌيڪ ٻوليون



ڪائي ويندي، جيڪو هڪ سانحو آهي. ترقيءَ جو اهو تصور ٻاراڻو آهي تہ اڳتي وڌڻو آهي تہ پنهنجي ٻولي ترڪ ڪرڻي پوندي. ڪيترائي ماڻهو سمجهن ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇا رکيو آهي جو اها ٻارن کي سيکارجي ۽ پڙهائجي، پر هو وساري ٿا ويهن تہ اصل رشتو احساس ۽ جذبن جو آهي. اهوئي انسان هجڻ جي پهرين نشاني آهي. ٻوليءَ سان ماڻهوءَ جو جذباتي رشتو لازمي هجڻ گهرجي. هن چيو تہ دنيا ۾ هن وقت 40 سيڪڙو ٻار پنهنجي مادري زبان ۾ بنيادي تعليم حاصل نٿا ڪن، اهي چاليهہ سيڪڙو ٻار ترقي يافتہ ملڪن جا نہ پر اسان جهڙن بظاهر ترقي پذير ملڪن جا ٻار آهن ۽ اهو هڪ الميو آهي. اڄ جو نوجوان سمجهي ٿو تہ سجاڳي کان سواءِ ٻولي ٻيو ڇا ٿي ڏئي؟ ان ڪري نوجوان طبقي جو ٻوليءَ سان رويو اوپرو ٿيندو پيو وڃي، پر نوجوانن کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ تخيل هجي يا احساس هجن، اهي پنهنجن ٻوليءَ سان ئي جُڙيل هوندا آهن، ان ڪري پنهنجي احساسن کي مارڪيٽ جو وکر نہ بنائڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ هر مهيني ۾ ٻہ ٻوليون مري رهيون آهن، پر سجاڳ قومون پنهنجين ٻولين کي مرڻ ناهن ڏينديون. عبراني ٻولي مري چڪي هئي، پر اسرائيل جي آباد ٿيڻ کان پوءِ ان کي وري زنده ڪيو ويو.

ان موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ ”سنڌي ٻولي-قومي ٻولي جاڳرتا مهم جو مقصد پنهنجي وطن جي ماڻهن ۾ پنهنجي تاريخي ٻوليءَ سان محبت جي احساس کي جاڳائڻ آهي، جيئن هو پنهنجي گهر، آفيس ۽ بازار ۾ پنهنجي ماءُ ۽ وڏڙن وٽان ورثي ۾ مليل ٻوليءَ کي بچائن ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائن. هن چيو تہ سرڪاري



پاليسيون بہ اصلوڪين ٻولين کي هاڃو رسائينديون آهن، پر هڪڙو هاڃو لاشعوري طور ٻوليءَ کان پري ٿيندڙن جا ڳالهائيندڙ بہ پهچائن ٿا. اسان کي اهڙن روين کي ترڪ ڪري پنهنجي ذات کان شروعات ڪرڻي پوندي، اسان هر سنڌيءَ کي جاڳائڻ چاهيون ٿا تہ جيئن هو پنهنجي ٻوليءَ جا پاڻ محافظ بڻجن.



## ڪراچيءَ ۾ سيمينار

# پاڪستان جي مڪيه ٻولين جي قومي ٻولي بڻجڻ آڏو رنڊڪون ۽ رستا

**19 فيبروري 2025ع**

ملڪ جون مڪيه ٻوليون، قومي ٻوليون بڻجڻ کان محروم ڇو آهن، ان اهم نڪتي طرف ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "پاڪستان جي مڪيه ٻولين جي قومي ٻولي بڻجڻ آڏو رنڊڪون ۽ رستا" جي عنوان هيٺ 20 فيبروري 2025ع تي ڪراچيءَ ۾ هڪ سيمينار ٿي گذريو، جنهن جي صدارت ڪندي نامياري عالم ۽ سماج سڌارڪ ڊاڪٽر سليمان شيخ چيو تہ سنڌي بازار ۽ ڪاروبار جي ٻولي ناهي. سنڌي ٻولي جيستائين ڪاروبار جي ٻولي نہ بڻبي، اها جوڳي ترقي نہ ڪري سگهندي ۽ سنڌي ٻولي جيستائين پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ نہ ايندي، تيستائين ٻنائيءَ کي سمجهي نہ سگهبو ۽ جيسين لطيفي ساڃاهہ نہ ايندي، تيسين ماڻهن ۾ انساني گڻ پيدا ٿي نہ سگهندا. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تي بنهہ ڪم ڪونهي ٿيو. سنڌي ٻولي اختياريءَ کي سائنسي ادب شايع ڪرڻ طرف بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان موقعي تي تاريخدان، معاشي ماهر ۽ دانشور پروفيسر اعجاز قريشيءَ چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي پاليسي جنهن انداز ۾ ٺهڻ گهرجي، اڃا تائين ان انداز ۾ ناهي ٺهي سگهي. سنڌي ٻوليءَ جي محسنن جي محنتن جو ثمر ان صورت ۾ ٿي ملي سگهي ٿو جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سطح تي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي.

سيمينار کي خطاب ڪندي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرمين ۽ نامياري شاعر پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ اسان کي ڪنهن احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار نہ هجڻ گهرجي تہ اسان جي سنڌي ٻولي مري ويندي، ڇاڪاڻ تہ دنيا جون اهي 90 ٻوليون، جن ۾ عالمي ترجمي ڪاريءَ جي سهولت موجود آهي، انهن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي. اسان جي هر سرگرميءَ جو مقصد سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو اصل مقام ڏيارڻ آهي.

ناليواري تاريخ نويس ۽ مصنف مختيار احمد ملاح پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو تہ سنڌ ۾ ڪل 374 ڪاليج آهن، جن منجهان 154 ڪاليج رڳو ڪراچيءَ ۾ آهن، جتي 2 لک 79 هزار شاگرد پڙهن ٿا. انهن ڪاليجن مان 8، 10 ڪاليج اهڙا آهن، جن ۾ سنڌيءَ جو ڪو استاد ڪونهي. پر افسوس اهو آهي تہ سڄي ڪراچيءَ ۾ سنڌي پڙهندڙ رڳو هڪ هزار 27 شاگرد آهن. سنڌي ٻوليءَ جي عام اطلاق لاءِ باضابطہ پاليسي جوڙڻ جي ضرورت آهي.

ناميارو شاعر ادل سومري چيو تہ جن ٻولين ۾ تخليقي ادب لکجي ٿو ۽ جن ٻولين ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي، اهي ٻوليون ڪڏهن بہ مري نٿيون سگهن. ان معيار جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ کي ڪو خطرو ڪونهي. ڊاڪٽر آفتاب ابڙي چيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ 40 پنهنجا اکر آهن ۽ هن ٻي ڪنهن ٻوليءَ کان اکر اڌارا ناهن ورتا، پر انهن اکرن مان 7 اکر اهڙا آهن، جن جهڙا اچار ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونهن، جيڪي اسان جي ٻوليءَ جي انفراديت جو اهڃاڻ ۽ ٻوليءَ جي حفاظت جا برج آهن. ناميارو براڊڪاسٽر ۽ ليکڪ ياسر قاضيءَ چيو تہ انسان کي اها ٻولي بيحد عزيز هوندي آهي، جنهن ۾ هو خواب ڏسي ٿو سوچي ٿو ۽ دعا گهري ٿو. اسان جي امڙ ـ ٻوليءَ سان محبت فطري آهي، جنهن جو رڳو جذباتي اظهار نہ بلڪہ ان جي واڌاري لاءِ هر عملي قدم جي پڻ پٺڀرائي ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ پاران فيبروريءَ جي مهيني دوران جاري "سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم" ۾ صحيحن واري مهم وڏي اهميت جي حامل آهي. جنهن ۾ هر سنڌ واسيءَ کي آن لائن توڙي هٿ اکرن سان صحيون ڪري، وس وارن کان اهو مطالبو ڪرڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. ان موقعي تي ايوان يڪراءِ سان بہ ٺهراءَ پاس ڪيا تہ "سنڌي ٻوليءَ کي بنا دير جي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي ۽ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ پاران هر سال عالمي اردو ڪانفرنس جيان عالمي سنڌي ڪانفرنس پڻ منعقد ڪئي وڃي." هن سيمينار ۾ علم ۽ ادب سان واڳيل شخصيتن جهجهي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

# سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ لاءِ سنڌ جي ميئرن ۽ ڪمشنرن کي خط لکيا ويا

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم“ جي سلسلي هيٺ پرڳڻي جي سمورن ڊويزنن جي ڪمشنرن ۽ ميٽرو پوليٽن شهرن جي ميئرن کي خط لکي، سنڌ ۾ ٻوليءَ بابت آئيني طور سنڌ سرڪار جي حڪمن تي عمل ڪرائڻ لاءِ خط لکيا ويا آهن ته اهي پنهنجي انتظامي حدن اندر دفتري توڙي سماجي ڪاروهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هٿي ونرائن. خط ۾ لکيو ويو آهي ته سنڌ اسيمبليءَ جي ٺهرائن ۽ سنڌ سرڪار پاران دفتري طور لازمي قرار ڏيڻ واري فيصلي تي عمل ڪندي، مقامي حڪومتن واري نظام جنهن ۾ جم ۽ موت جا سرٽيفڪيٽ، نڪاح ناما ۽ ٻي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪئي وڃي، شاهراهن تي پنڌ ڏيکارڻ وارا بورڊ سنڌيءَ ۾ پڻ لکايا وڃن.


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
Sindhi Language Authority

حوالو نمبر ايس.ايل.اي 9/7/2025ع
تاريخ 3/02/2025ع

موضوع: مقامي حڪومتن واري نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هٿي ڏيڻ بابت

پيارا سائين، اميد ته خيريت سان هوندا!

مهرباني
(پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو)
چيئرمين

# سنڌ جي صوبائي وزيرن ڏانهن خط


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
Sindhi Language Authority

جناب سعيد غني صاحب
وزير مقامي ڪانئر
حڪومت سنڌ

(پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو)
چيئرمين

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم“ جي سلسلي هيٺ سنڌ سرڪار جي وزيرن ۽ سيڪريٽرين کي سنڌ اسيمبليءَ مان مختلف وقتن تي پاس ٿيندڙ ٺهرائن جي پسمنظر ۾ خط لکي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال، خانگي اسڪولن کي ٿئين کان ٻارهين درجي تائين سنڌي مضمون لازمي پڙهائڻ ۽ پنهنجن ڪاتن ۾ دفتري ڪاروهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي وڌائڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ اسيمبلي مختلف وقتن تي ٺهراءَ پاس ڪري پرڳڻي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال، تدريس، واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ مختلف وقتن تي جيڪي پاليسيون جوڙيون آهن، تن موجب سنڌ جي سمورن ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي. ان ڪري هر ڪاتي جا بورڊ، بينر، تشهيري مواد، ماڻهن جي آگاهيءَ لاءِ هلندڙ مهمون، سرڪاري گاڏين، درگاهن، ماڳن مڪانن تي سنڌي ٻوليءَ جي لکت کي لازمي بڻايو وڃي.

# سنڌي ٻولي

## علي آڪاش

جَي تو بچائي رکيو، پنهنجيءَ ٻوليءَ کي،
رهندي ڌرتيءَ تي، دعوا تنهنجي دائمي.

پڙهندين شاهه لطيف کي، سنڌي ٻوليءَ ۾،
تنهنجيءَ جهوليءَ ۾، ڪِرندا گلَ گلاب جا.

ٻولِي منهنجيءَ ماءُ جِي، ڳالهائي مون سان،
پنهنجيءَ ڌيءَ کي مان، 'امان' سڏيان ٿو سڪ مان.

ٿجُ ۽ ٻولي ٻَل وڏا، ڪين وساريا ڪنهن،
ڄمندَي ڏِنا جنهن، موڪيان شل تنهن ماءُ کي.

آزادي ماڻهوءَ جيان، چاهي ٿي ٻولِي،
ڇڏيو تہ هوءَ سَولِي، گهارَي ماڻَي زندگي.

ڌرتي ۽ ٻولي پرين! تنهنجي ڪسوَٽي،
تنهن کان ڪيئن هَٽِي، ڪندين ثابت پاڻ کي.

پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جڏهن، سوچيندين محبوبُ،
توتي کُلندا خُوبُ، تاڪيا سونهن وِرونهن جا.

## علي دوست عاجز

جڏهن ڏُکان، يا رُئان، سوچيان،
تہ سنڌيءَ ۾
جڏهن بہ حال خُدا سان سَليان،
تہ سنڌيءَ ۾
رسُول پاڪ تي ڪلمو پڙهان،
تہ سنڌيءَ ۾
بيانُ سنڌُ جي صُورت ڪيان،
تہ سنڌيءَ ۾
دريا تي وَيدَ جي ويهي لِکان،
تہ سنڌيءَ ۾!

ڪٽي مِٺي پيو گُهمان، سنڌُ تنهنجي، جهوليءَ ۾
آ ٿجُ جهڙو مزو، صرف پنهنجي ٻوليءَ ۾!






آن لائن مباحثو

# ”ڌارين ٻولين کي مڙهڻ لساني سامراجيت آهي“

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي هيٺ ”اعليٰ تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تدريس: مسئلا ۽ اپاءَ“ جي موضوع تي آن لائن مباحثو ٿيو. مباحثي ۾ ڳالهائيندي سنڌ يونيورسٽي جي استاد ۽ نامياري ليکڪ ڊاڪٽر مبارڪ علي لاشاريءَ چيو ته ”سنڌ جي اڪثر سرڪاري يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبا قائم آهن. جتي سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، ٻين صوبن ۾ ايئن ناهي. ٽيڪنالاجيءَ سبب شاگرد انگريزي کي ترجيح ڏين ٿا، جڏهن ته سنڌي شعبي جون سيٽون خالي رهجي وينديون آهن. اها لساني سامراجيت آهي، جيڪا ننڍين ٻولين جي مرڻ جو سبب بڻجي رهي آهي. ان جو اثر تعليمي ميدان تي به پيو آهي پر اهو تاثر غلط آهي ته انگريزي ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ماٺهوئي اڳتي وڌي ٿو. پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم وٺڻ سان ٻين ٻولين ۾ پڙهي سگهجي ٿو. دنيا جي اُسريل ملڪن جا مثال اڳيان آهن. جتي بنيادي تعليم کان وٺندي اعليٰ تعليم مادري زبان ۾ ڏني ويندي آهي. هن چيو ته ان کان سواءِ صوتيات کي سمجهڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ لينگويج ليب هئڻ گهرجن. صوتيات لاءِ جديد علم کي سنڌي سان گڏائڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته مادري زبان ۾ تعليم لاءِ پاليسي انتهائي اهم آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي جي استاد ۽ محقق نويد سنديلي مباحثي ۾ چيو ته ”ٻوليءَ جو فلسفي سان ويجهو واسطو آهي. ٻولي اسان لاءِ آڪسيجن جيان آهي. جنهن کان سواءِ اسانجو قومي جياپو ممڪن ناهي، ان لاءِ دنيا جي ترقي يافته ملڪن جيان هتي به اعليٰ تعليم سنڌيءَ ۾ لازمي ڪئي وڃي. جنهن کي سنڌيءَ کانسواءِ هر شعبي تي لاڳو ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته دنيا کي سمجهڻ لاءِ مادري زبان ۾ تعليم ضروري آهي. اسان سنڌيءَ ۾ پڙهي دنيا جي ادب ۽ علم کي پڙهيو جيڪڏهن اهو علم سنڌي ۾ نه هجي ها ته اڄ دنيا جي ادب کان اڻ واقف هجون ها. ڪو به علم پنهنجي ٻوليءَ ۾ گهرائيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو جيڪو ٻي ٻوليءَ ۾ نٿو پڙهي سگهجي. هن چيو ته سنڌ جي ٽن وڏين يونيورسٽين ۾ تحقيق ته ٿئي ٿي، پر اها معياري ناهي، ڇو ته اسان وٽ اڃا تحقيق جا طريقا پراڻا آهن. جڏهن ته سنڌي شعبي ۾ شاعري ۽ ڪهاڻيءَ کان سواءِ سوشل ميڊيا، مصنوعي ذهانت ۽ ٻين جديد موضوعن تي تحقيق جي ضرورت آهي، ان سان گڏ استادن کي پڙهڻ پڙهائڻ سان گڏ شاگردن جي تربيت به ڪرڻ گهرجي ته پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ڪيتري اهميت آهي.

آن لائن مباحثي جي ميزباني ناليواري تعليمدان پروفيسر ادريس جتوئيءَ ڪئي.









## مختصر فلمن جي مقابلي جا انعام ڏنا ويا

### جائزا ڪميٽيءَ جي فيصلن تحت ڳڙو ٻن خاڪن/فلمن انعام ماڻيا

اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ مختصر فلمن جي مقابلي جو اعلان ڪيو ويو هو. جاري ڪيل اشتهار موجب پهرين فيبروري 2025ع کان 25 فيبروري 2025ع تائين پهتل ڪل 8 وڊيو فلمون، مقرر ڪيل ماهرن آڏو اسڪرين تي هلايون ويون، جيڪي اي ميل تي موصول ٿيون.

انهن 8 وڊيو فلمن مان 6 وڊيوز گهربل معيار جون ثابت نه ٿيون، انهن مان هڪ وڊيو خاڪي ۽ هڪ دستاويزي فلم جي صورت ۾ هئي، جائزا ڪميٽيءَ يڪراءِ تي فيصلو ڏنو ته:

(1) مختصر فلم ”سنڌي اباڻي ٻولي“ کي پهرئين نمبر انعام (50 هزار روپين سان گڏ شيلڊ) لاءِ حقدار، جنهن جو هدايتڪار، اسٽيج اداڪار خان ڪنگو هو.

(2) ٻئين انعام (35 هزار روپين سان گڏ شيلڊ) لاءِ بهتر وڊيو جو عنوان پڻ اتفاق سان ساڳيو ”سنڌي اباڻي ٻولي“ هو، پر ان جو اسڪرپٽ مختلف هو، جنهن جو هدايتڪار گهوٽڪيءَ جو جاويد مهر هو.

ٻنهي هدايتڪارن کي جاڳرتا مهم جي اختتامي تقريب ۾ سڏي، کين شيلڊ ۽ نقد انعام ڏنا ويا.

# سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ صحي مهم

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران "سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم" طور ملهائڻ جي سلسلي ۾ 14 هين فيبروريءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي ڏينهن طور ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيارڻ لاءِ حيدرآباد مان صحين واري مهم جي شروعات ڪئي وئي. ان موقعي تي اٿارٽيءَ جي ملازمن کان علاوه ناليواري ليڪڪ عزيز گوپانگ، پرڏيهه ۾ کان آيل شمس الدين لاکي، سجاد مرزا سميت سوين ماڻهن سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري سامهون اداري جي لڳايل ڪئمپ تي پنهنجون صحيون ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ واري مطالبي جي توثيق ڪئي. اداري پاران مهم لاءِ خاص طور سينگاريل گاڏي، سنڌي ٻولي جي تاريخي حيثيت بابت پرچاري مواد ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت تي ٻڌل گيت هلائي، **حيدرآباد شهر** جي مختلف علائقن ۽ چوڪن کان ٿيندي سنڌ ميوزيم پهتي، جتي عالمن، اديبن ۽ ناليوارين شخصيتن ڊاڪٽر فتح محمد مري ، سميع بلوچ، ڀَون سنڌي، مرتضيٰ سيال، ڊاڪٽر امداد چانڊيي، پروفيسر نظير قاسمي، ڊاڪٽر ذوالفقار علي، بختاور ڄام، مقبول مارو آسي زميني، محب آزاد، سارنگ ڄام، بخشل باغي، محمود مغل سميت سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ اٽڪل ڏيڍ هزار ماڻهن صحيون ڪري، پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جي هن تحريڪ جو حصو بڻيا. اداري پاران سنڌ جي هر رهواسيءَ کي هن مهم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ صحيون ڪرڻ ۽ اداري پاران جاري ڪيل آنلائن پٽيشن ۾ پڻ شامل ٿيڻ جي اپيل ڪئي وئي.

15 فيبروريءَ کان "سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم" جي گاڏي **ڪوٽڙي، ڄامشوري، المنظر** سميت آس پاس جي مختلف علائقن مان ٿي آئي.

16 فيبروري کان **هالا کان سکر تائين** وچ ۾ آيل سڀني شهرن مان ۽ واپسيءَ تي **لاڙڪاڻي کان سن** شهر تائين ٿيندي واپس وري، ان دوران سنڌي ٻولي پرچار ڪميٽين سميت سنڌي ادبي سنگت، سگا، آرٽس ڪائونسلن جي ڪارڪنن توڙي سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ليکڪن، اديبن، استادن، شاگردن ۽ شهرين صحيون ڪيون.
















ٻوليءَ جي گيتن ۽ ٻي تشهيري مواد سان رواني ٿيندڙ گاڏي 17 فيبرويءَتي **موري** پهتي جتي پروفيسر شمشاد سومري، اسلم عباسي ۽ ٻين ادبي شخصيتن آجيان ڪئي، جتي عام ماڻهن پڻ صحيون ڪيون. **دولتپور** ۾ پروفيسر ارشاد اوٺو شاگردن سميت منتظر هو. 18 فيبروريءَ تي **هالاڻي، گمبٽ، راڻي پور** کان ٿيندي **شاهه عبداللطيف يونيورسٽي** پهتي، جتي سنڌي شعبي جي چيئرمئن ڊاڪٽر مهر خادم ۽ شاگردن گڏجي صحيون ڪيون. ان موقعي تي ناميارو شاعر مختيار ملڪ پڻ صحي ڪرڻ پهتو. يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن جي شاگردن کان صحيون وٺي، گاڏي پريس ڪلب خيرپور پهتي، جتي حبدار جاگيراڻي، تاج سروهي، زبير سومري، ڊاڪٽر اعجاز سمي، حبدار سعيد سميت ادبي سنگت، سگا، گسٽا ۽ ٻين علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن، استادن، شاگردن صحيون ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ واري مطالبي ۾ پنهنجو آواز شامل ڪيو. خيرپور کان پوءِ گاڏي **سکر پريس ڪلب** ۽ آرٽس ڪائونسل پهتي جتي ناليواري ليکڪ ممتاز بخاري، اختر درگاهي، اظهر نوناري، امير علي بروهيءَ سميت اديبن، صحافين ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن صحيون ڪيون. پرچار ڪندڙ گاڏي رات سکر ۾ ترسڻ بعد ننڍين وڏن شهرن کان ٿيندي لاڙڪاڻي رواني ٿي.

صحي مهم لاءِ مخصوص گاڏي 19 فيبروريءَ تي جڏهن **لاڙڪاڻي شهر** ۾ شاهنواز ڀٽو لائبريري، لاڙڪاڻي آرٽس ڪائونسل، جناح باغ سميت مختلف هنڌن تي پهتي ته اتي ناميارن قلمڪارن پروفيسر رضوان گل، ڀائو در محمد ٻرڙي، عزيز قاسماڻي، حنيف سهاڳ، وسيم ڪلهوڙي، علي رضا لاڙڪ، خليق ميمڻ، زاهد حسين اوڍي، طارق مغيري، عيسا ميمڻ، گل دايي، ايڊووڪيٽ عبدالستار هُليي، سيد حسين شاهه سميت اديبن، استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن گاڏيءَ جي شاندار آجيان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ واري هن مهم ۾ ڀرپور حصو ورتو.

ان کان پوءِ گاڏي **وڳڻ، نصير آباد** کان ٿيندي **ميهڙ** پهتي، جتي ناميار‌ي شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ آزاد آزاد انور ڪانڌڙي، پير آف ميهڙ سيد محمد شاهه اعجاز جانوريءَ سميت سوين ماڻهن صحيون ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ مطالبي ۾ عملي طور حصو ورتو. جاڳرتا مهم جي سلسلي هيٺ سموري سنڌ مان صحيون وٺڻ واري گاڏي **دادو خيرپور ناٿن شاهه، ڀان سيد آباد، سيوهڻ** ۽ **سن** پهچي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ واري مطالبي جو پيغام پهچايو، جتي پڻ سوين ماڻهن صحيون ڪيون.



# سنڌي ٻوليءَ بابت شاعري

نہ اهڙي ٻاجهہ ٻئي هنڌِ، جا امڙ جي،
اُڪنڊيلَ لاڏلِي لولِيءَ ۾ آهي.
اها دنيا ۾ شِيرِيني نہ ملندِي،
جا پنهنجِي ماءُ جِي ٻولِيءَ ۾ آهي.

❋

مادرِي ٻولِين جي ڏِڻ تي ٿئي وچَن،
پنهنجِي ٻوليءَ ۾ وَٺُون سَمجهائجَن،
گهرَ، گهٽين جا نانوَ سنڌِيءَ ۾ نہ ڇو،
ڳاٽ اُوچي سان لکي لڳرائجن.

❋

سڀئي ٻوليُون جِيئَن دنيا سڄيءَ جُون،
سوا جن جَي سڀئي جذبا اڌُورا،
اچارَي ماءُ-ٻوليءَ ۾ ٿين ٿا،
محبّت جا سڀئي اظهار پُورا.

❋

جيئن جنّت آهہ منهنجي ماءُ جي پيرن جِي دزَ،
'ماءُ ٻولي' تيئن هر گفتار جو معراج آ،
هونئن تہ دنيا جُون سڀئي ٻوليُون مِٺيُون ۽ محترم،
پر لڳو، سنڌِي سڀن ٻولين جي سِرَ جو تاج آ.

❋

ماءُ جِي ڀاشا ۾ جو اظهار آ،
سو مڪمّل آ ـ سَراپا پيار آ،
جنهن مدَّر ٻوليءَ ۾ لولِي ڪَنِ پئي،
سا محبّت جي اصل حقدار آ.

- ياسر قاضي

مِٺڙو لَهجو، لفظَ نِيارا،
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

جنهن ٻوليءَ ۾ لولي آئي
ڇُلندِي سنڌوءَ ڇولي آئي
آڪرن ۾ اڄ رَنگَ ڪِڙِي پيا
لفظن جي آ هولي آئي
سج جيان آ سُهڻي روشن
شَبد، چَندرما، ٽُڪا تارا،
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

ٻوليءَ جو اِتهاسُ انوکو
موتيي جو جيئن واسُ انوکو
الف، بي جي ٻَتِي پياري
لفظن جو آلماسُ انوکو
اُوچي هي تهذيب رکي ٿي،
هِن جا وارث "موهن" وارا،
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

ڪيڏي سُونهين مَنجهہ ڪتابن
انسانيت جو دَرس نِصابن
مَڪتب جو ٿيو مانُ مَٿاهون
علم پکيڙيو نُور جَوابن
زيرون، زَبرون پيش سُريلا
ٻوليءَ جا آواز پيارا،
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

شاهہ ڏِنو پيغام مُحبت
سَچل، سامي جام مُحبت
آنالحق جي گُونج اِنهيءَ ۾
وَحدت واري مام مُحبت
هِنسا ڪي آ آلف مِٽايو
لفظ آهنسا جا هِن سارا
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

مِٺڙا ٻاتا ٻول ٻُرن ٿا
لکندي ننيڙا هَٿَ ڇُرن ٿا
آئيندي جا روشن تارا
سنڌيءَ ۾ تعليم گهُرن ٿا
علم پِرائڻ ڪارڻ آتا
گُلڙن جهڙا ٻالڪ سارا
سنڌي ٻولي امرت ڌارا.

ڇا تہ اکر هِن موتين-داڻا
سبق پَڙهن ٿا مُومل، راڻا
بيت ڪتابن جا ٿا سارن
نظم اُچارن ٿا ٻاراڻا
هَٿڙن مَنجهہ ڪتاب، قلم ۽
پيرن ۾ مَڪتب جا چارا
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

موهن جي لِپيءَ جي عَظمت
اُوچي آ سنڌوءَ جي عَصمت
سنڌي ٻولي اُلفت واري
اُن جي مٽيءَ ۾ آ وَحدت
لاڏا، ڳيچ، سُريلا سهرا
سات هَمرچو ڳائڻ وارا
سنڌي ٻولي آمرت ڌارا.

ـ بخشل باغي




# ’سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه ۾ سنڌي مائرن ۽ ليکڪائن جو ڪردار‘

21 فيبروري 2025ع

مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه ۾مائرن ۽ ليکڪائن جي ڪردار“ جي عنوان هيٺ هڪ مذاڪرو سڏايو ويو، جنهن ۾ عورتن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي.

سنڌ جي ليکڪائن، مائرن ۽ سڄاڻ عورتن مذاڪري ۾ ڳالهائيندي چيو ”ماءُ جي هنج ٻار جي سڀ کان پهرين ۽ وڏي درسگاهه آهي، جتي ٻار ٻولي سان گڏ سماجي ۽ اخلاقي تربيت وٺي معاشري جو سٺو فرد بڻجي ٿو. پر هاڻ اها نرسري ۽ درسگاهه غائب آهي. اها هنج ۽ لولي ڏيندڙ ماءُ ڳولڻ جي ضرورت آهي.“

سيمينار ۾ ڳالهائيندي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر سحر گل چيو ته ”ٻولي انسان جي وجودي سڃاڻپ آهي، ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي وجوديت کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. اڄوڪو ڏينهن 1956ع ۾ بنگالي ٻوليءَ لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ٿو ڏياري. هن چيو ته 80 جي ڏهاڪي ۾ انگريزي جو رجحان گهٽ هو. هاڻ جديد ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت جو وقت آهي، ان ۾ استعمال ٿيندڙ ٽول انگريزيءَ ۾ آهي، اسان کي مصنوعي ذهانت ۾ استعمال ٿيندڙ شين جا نالا ۽ لفظ فارسي ۽ عربي جيان سنڌيءَ ۾ ٺاهي اهي عام ڪرڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي مائرن جا فورم ٺاهڻ گهرجن. جيڪي ماڻهو پڙهيل ناهن. انهن وٽ ٻوليءَ جا نج لفظ آهن. انهن کان اهي لفظ وٺجن. سنڌي فلم، ٿيٽر ۽ ميڊيا جي ٻين فورمن تي سنڌي عورت کي آڻجي. مون کي يقين آهي ته جنهن ماءُ ۾ سنڌيت آهي، اها ماءُ پنهنجي ٻار کي ٻوليءَ کان ڌار نه ڪندي.

ناليواري شاعره ڊاڪٽر رخسانه پريت چيو ته ”مادري ٻولي قوم جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ تهذيبي اهڃاڻ هوندي آهي، ٻولي وجود سان ڳنڍيل آهي، دنيا جي بدلجندڙ سماجي تبديلين سبب گهٽ ڳالهائجندڙ ٻولين کي خطرا آهن، جڏهن ته سائنس به تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي، جنهن ڪري به ٻولين لاءِ للڪارون آهن. هن چيو ته ٻار جي پرورش ۾ ماءُ جو اهم ۽ بنيادي ڪردار هجي ٿو ۽ ٻار جي شخصيت ٺاهڻ ۾ ماءُ سان گڏ والدين، گهر ڀاتين ۽ سماج جي ڪردار کي الڳ نٿو ڪري سگهجي. ٻار جي ذهني شعور ۽ ٻوليءَ لاءِ ماحول جو خوشگوار هئڻ ضروري آهي، ان ڪري ٻار سان هلڪي آواز سان مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي. هن چيو ته ٻهراڙيءَ ۾ ٻين ٻولين جو واهپو گهٽ هئڻ ڪري اتي نج ٻولي ملي ٿي، شهرن جي ڀيٽ ۾ ٻهراڙي ۾ ٻوليءَ کي گهٽ للڪارون آهن، شهرن ۾ گهڻ ٻوليائي ماحول هئڻ سبب وڌيڪ للڪارون آهن، ان لاءِ شهرن

۾ رهندڙ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي." نامياري ليکڪا ۽ ايڊيٽر زاهده ابڙو چيو تہ "عورت شين کي محفوظ ۽ خوبصورت بڻائيندي آهي يقينن ٻوليءَ جي خوبصورتي بہ عورت آندي هوندي. هڪ ماءُ ئي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندي آهي، ماءُ لکيل پڙهيل ۽ سمجهدار آهي تہ اهو سماج بہ مهذب بڻجي ٿو. هن چيو تہ سماج جي اوسر ۽ مثبت ڪردار ۾ بہ ماءُ جو اهم حصو هوندو آهي، اڳ جون مائرون گهڻو وقت ٻار سان گذارينديون هيون، ٻار کي لوليءَ ذريعي تعليم، تربيت ۽ سماجي احترام سيکارينديون هيون. اڄ اها ماءُ غائب آهي. هاڻ نہ اها نرسري آهي، نہ اها بنيادي درسگاهہ آهي. هن وقت ٻوليءَ کي خطرن کان بچائڻ لاءِ اها ماءُ ڳولڻي پوندي، جيڪا ٻارڙن کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ لوليءَ ذريعي





پنهنجو ثقافتي ورثو منتقل ڪري.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو تہ ماءُ دنيا جي سمورين ٻولين ۾ مانائتو ۽ خوبصورت لفظ آهي، جنهن ماءُ جي هنج ۾ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ٿئي ٿي. هڪ ٻار فرد جو روپ وٺي سماج ۾ اچي ٿو. سماج جي اڏڻ ۾ بہ ماءُ جو ڪردار اهم آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجي مقصدن هيٺ ٻوليءَ جي استعمال، ترقي ۽ لاءِ پتوڙڻ سان گڏ کيس گهربل مقام ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن سال فيبروري جي پوري مهيني کي پاڪستان جي مُک ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ لاءِ جاڳرتا مهم طور ملهائي رهيا آهيون. اسان جي ان آواز سان سنڌ جون ٻيون علمي ادبي تنظيمون ۽ ادارا بہ هم آواز ٿيا آهن، جيڪي پنهنجن پنهنجن فورمن تان سڄي سنڌ ۾ جاڳرتا مهم جون سرگرميون ڪري رهيا آهن. اسان جي اداري طرفان سموري سنڌ ۾ صحين جي مهم جاري آهي جنهن ذريعي هزارين ماڻهن مطالبو ڪيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي.

هن سيمينار دوران "سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماءُ" جي موضوع تي مذاڪرو پڻ منعقد ڪيو ويو. مذاڪري ۾ ڳالهائيندي نامياري ليکڪ ۽ تعليمدان ڊاڪٽر تهمينہ مفتيءَ چيو تہ "سڀ کان پهرين ٻار جا احساس ماءُ سان جڙيل هوندا آهن، ٻار جي شخصيت تي ماءُ جي اٿڻ ويهڻ جو اثر پوي ٿو. ٻار جي تعليم، تربيت ۽ پرورش ۾ ماءُ جو اهم ڪردار هوندو آهي، ان ڪري ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ وقت ماءُ کي پهرين پڇڻ گهرجي تہ اهو اسڪول ڪهڙي ميڊيم جو آهي. هن چيو تہ شهرن ۾ ٻوليءَ کي وڏيڪ خطرو آهي، پر ٻهراڙي جي ماءُ وڌيڪ سگهاري طرح ٻار کي نج ٻولي سيکاري ٿي ۽ اتان جي ڳوٺاڻي ماحول ۾ ٻار کي نج لفظ سکڻ جا موقعا وڌيڪ ملن ٿا. اسان کي پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ گهرجي. احساس ڪمتريءَ مان نڪري ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ سوچڻو پوندو. پروفيسر بينظير جوڻيجي چيو تہ "ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ ساڍن ڇهن مهينن ۾ ٻڌڻ ۽ ساڍن ستن مهينن تائين آواز سمجهڻ لڳندو آهي ۽ ماءُ جي آواز تي ٻار وڌيڪ ڌيان ڏيندو آهي، ماءُ اڪيلي ۾ پنهنجي پيٽ ۾ ويٺل ٻار سان ڪچهريون ڪندي آهي، اهو آواز ٻار جي حافظي ۾ سمائجي ٿو. اهو فطري عمل آهي. هن چيو تہ اڳ ۾ مائرن جي لولي يا ناني جي ڪهاڻين ۾ وطن، ڌرتيءَ، ٻوليءَ ۽ پنهنجن سان پيار جو درس ملندو هو. هاڻ نہ اها لولي ملي ٿي، نہ ئي نانيءَ جون ڪهاڻيون آهن، اهي آکاڻيون ۽ گيت هن جديد دور ۾ گم ٿي ويا آهن. اڳ ٻار جسماني رانديون ڪندا هئا، هاڻ اهي رانديون ئي ناهن، بهتر سماج ۽ ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ ان ماحول جي ضرورت آهي."

ناليواري سماج سڌارڪ ۽ شاعره بختاور ڄام چيو تہ "عورت لکيڪا هجڻ ڪانسواءِ بہ ماءُ جي روپ ۾ بہ تمام وڏي تخليقڪار آهي. ٻار پهرين ماءُ کان سکي ٿو، پوءِ استاد ۽ سماج کان سکندو آهي، ليکڪائن جو ڪردار بہ ماءُ جيان آهي. انهن کي پنهنجي لکڻين ۾ ٻوليءَ جي نج لفظن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ احساس ڪمتري سبب مڊل ڪلاس جو ماڻهو پنهنجي ٻار سان اردو ۾ ڳالهائي ٿو ۽ انگريزي ۾ پڙهائي ٿو اصل هتان جا سنڌي دراوڙ بہ پنهنجي ٻولي ڇڏي گهرن ۾ اردو ڳالهائين ٿا. سماج ۾ وڌندڙ اهڙي صورتحال ۾ هر حال ۾ پنهنجي ٻوليءَ جو تحفظ ڪرڻو پوندو، چاهي اهو ماءُ جي روپ ۾ هجي، استاد يا ليکڪ جي صورت ۾ اها هر ڪنهن تي ذميواري عائد ٿئي ٿي.

مذاڪري جي ميزباني نوشين اڄڻ، جڏهن تہ سيمينار جي ميزباني رابعہ چانڊيو ڪئي.












## سنڌي ٻولي-قومي ٻولي جاڳرتا مهم:

# سرگرميون ۽ حاصلات

28 فيبروري 2025ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جاڳرتا مهم: سرگرميون ۽ حاصلات" جي عنوان هيٺ هڪ مهيني جي جاڳرتا مهم جي اختتامي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت ڪندي ناليواري دانشور جامي چانڊيي چيو ته "جڏهن ادارن جي زوال جون خبرون هجن، ان وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان گهڻ طرفي شاندار مهم هلائي اهو ثابت ڪيو آهي، ته ادارا هيئن به ڪم ڪندا آهن، جنهن لاءِ اداري سان گڏ سمورين ڌرين کي مبارڪ ۽ جس هجي، هن مهم سان اداري ۽ عوام گڏجي نه فقط رياست ۽ حڪومتن اڳيان پنهنجو مطالبو رکيو پر سنڌي سماج ۾ عام ماڻهن ۾ به احساس پيدا ڪيو. هن چيو ته سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ هيءَ شاندار مهم هلي، جنهن دوران سموري سنڌ ۽ اسلام آباد کان سواءِ پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي به هن جاڳرتا مهم جو حصو بڻيا. هن چيو ته فقط ڳالهائڻ سان ڪا به ٻولي نه بچندي، جنهن ٻوليءَ ۾ علم تخليق ٿيندو اها ئي ٻولي بچندي، سنڌي ٻوليءَ کي واهپو علم ۽ تفڪر بچائيندا، ان ڪري اڪيڊمين ۽ يونيورسٽين کي سنڌيءَ ۾ علم تخليق ڪرڻ گهرجي، باقي جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪري ڇڏيو آهي، اها اسان جي خوشنصيبي آهي.

اڄ اسلام آباد جهڙي شهر ۾ هڪ ادارو مطالبو رکي ٿو ته اسان جي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو اها گهٽ ڳالهه ناهي، رياست ۽ حڪومت جي قبوليت وارو پنڌ پري آهي، پر پاڻ کي تحريڪ تيز ڪرڻي آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ به لک استاد آهن، اهي چاهين ته سماج بدلائي سگهن ٿا. استاد ٻوليءَ جا محافظ ۽ وينجهار آهن. ٻار کي پرائمري جي تعليم مڪمل مادري ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ته اهو ٻيون ٻوليون به آسانيءَ سان سکي سگهي ٿو."

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "اسان سيني جي خواهش آهي ته اسان جي ٻوليءَ کي اها حيثيت حاصل ٿئي، جيڪو ان جو حق آهي ۽ پاڪستان ۾ هڪ ڏينهن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ضرور ملندو اهو اسان جو ايمان آهي، پر اها خواهش مري نه وڃي، ان ڪري هيءَ مهم هلائي اسان ماڻهن کي احساس ڏيارڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون. هن چيو ته اڄ مهينو پورو ٿيو آهي پر مهم ختم ناهي ٿي، هن جاڳرتا مهم سماج ۾ تحرڪ جي هڪ لهر پيدا ڪئي آهي، ان کي روز ڪنهن نه

ڪنهن شڪل ۾ جاري رکيو ويندو، ان لاءِ هر ضلعي ۾ ٻولي پرچار ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن، جن ۾ مختلف شعبن جي ماڻهن کي شامل ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جي وڏڙن هزارين سالن کان ٻوليءَ کي بچايو آهي. ان ۾ علمي، ادبي ذخيرو پيدا ڪيو آهي، جنهن کي بچائڻ ۽ اهو علم ٻين تائين پهچائڻ اسان جي ذميواري آهي. پر اڄ جو سڀ کان وڏو مسئلو نوجوانن ڏانهن ٻوليءَ جي منتقلي آهي، هن مهم سان نوجوانن ۾ به احساس وَڌيو آهي. پر ان مسئلي لاءِ اسان کي گڏجي سوچڻو پوندو."

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي اڳوڻي



وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري چيو ته "هن جاڳرتا سان سماج ۾ ٻولي بابت فڪر ۽ احساس وڌيو آهي، ڇو ته هن سرمائيداري دور ۾ ٻوليءَ طرف ڪنهن جي سوچ ناهي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي واهپي لاءِ خط ملڻ کان پوءِ زرعي يونيورسٽي ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ٿيسز جو تت سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪرايو ويو. مختلف شعبن ۾ بورڊ سنڌي ۾ لڳايا آهن.

تقريب کي خطاب ڪندي سگا جي وائيس چيئرمئن خالد چنا چيو ته "سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم شاندار نموني سان پنهنجو پيغام پهچايو آهي. هن مهم ۾ سگا به پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن مهم کان سواءِ سگا جي روشن تارا اسڪولن ۾ مڪمل سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، ڪراچي ۾ سنڌي ٻار سنڌي مضمون نٿو ڪٽي پر ڪراچيءَ جي روشن تارا اسڪولن ۾ ٻار سنڌي پڙهن ٿا. روشن تارا اسڪولن ۾ شاهه لطيف پڙهايو وڃي ٿو ۽ ان تي مارڪون رکيل آهن. هن چيو ته ٻوليءَ کي سياسي معاملو بڻايو ويو آهي، جيڪو سياسي ناهي، سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ اسان کي دٻاءُ وجهڻ سان گڏ پنهنجي تعليم ۾ شامل ڪرڻي پوندي.

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل نُور چاڪراڻي چيو ته "هن مهم ۾ بنيادي ڪردار سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو آهي، پر اسان پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي سموري سنڌ جي




هر ضلعي ۾ سرگرميون ڪيون، هيءَ اسان سڀني جي ذميواري آهي جيڪا هر وقت ۽ هر فورم تي نڀائڻ لاءِ گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته سڀ ٻوليون ڀاڄهاريون آهن، پر ڪا به تخليق پڙهڻ جو مزو جيڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ آهي، اهو ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ نه ٿو اچي، سنڌي ۾ ڏني ويندڙ بددعا ۾ به اخلاقي ٻول هوندا آهن، اها اسان جي ٻولي جي حسناڪي آهي."

ناليواري تعليمدان ڊاڪٽر تهمينه مفتي چيو ته "هن اداري جاڳرتا مهم ذريعي بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇليو آهي. جنهن سان تحرڪ پيدا ٿيو آهي، هن مهم عام ماڻهو کان ايوان تائين پيغام پهچايو آهي، جنهن لاءِ ادارو جس لهي. هن چيو ته ٻوليءَ جو تحفظ تعليم سان ئي ممڪن آهي، ان ڪري پرائمري تعليم سنڌي ۾ پڙهائڻ تي عمل ڪرائڻو پوندو."

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته "اداري جي قيام جو بنيادي مقصد ئي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ان جي ترقي آهي. ادارو شروع کان پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. فيبروري جي مهيني کي جاڳرتا مهم ڪري ملهائڻ جو طئي ٿيو هو، جنهن لاءِ سنڌ جي سمورين علمي، ادبي ادارن توڙي تنظيمن پنهنجي ذميواري سمجهي، هن مهم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته سموري سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت، سگا، آرٽس ڪائونسلن



بهترين سرگرميون ڪيون، اسلام آباد ۾ شاندار سرگرمين ذريعي ٻين صوبن ۽ ٻولين تائين پيغام پهچايو ويو. هيءَ مهم هلندي رهندي. ان موقعي تي شوڪت چاچڙ جاڳرتا مهم دوران ٿيندڙ سرگرمين جو مرحليوار تفصيل پيش ڪيو. تقريب دوران مختلف سرگرمين ۾ نمايان ڪارڪردگي ڪندڙن کي انعام پڻ ڏنا ويا، سنڌي ٻوليءَ بابت مختصر فلم جو پهريون انعام 50 هزار روپيا محمد خان ڪنگو ۽ ٻيو انعام 35 هزار روپيا جاويد مهر کي شيلڊ سان گڏ ڏنا ويا.

## سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون

پاڻَ ڏَراوڙ ڌرتيءَ واسي!
سَنسِڪرت ۾ ساهُ کَنيو سين
سَريانيءَ ۾ خَطَ لِکياسين
عَربيءَ منجھ عبادتَ پنھنجي
عِبرانيءَ کي اوڊيُون، پايُون
ڇو جو پاڻ ڏَراوڙ آهيون
آءُ تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون.

آئون ٿَريءَ ۾ ٿَڪُ ڀَڃان، تون
لاڙيءَ منجھ لِکين ٿو ڳالهيون
اُترادِيءَ ۾ هِيرَ گُهلي ٿي
آئون ڪَڇيءَ ۾ ڪَرَ ٿي موڙيان
پَشتو ۾ تون پٽڪ ٻڌين ٿو
اُردوءَ ۾ مان ساڙهي پايان!
انگريزيءَ ۾ اُڃَ لڳي ٿي
پَنجابيءَ ۾ پاٽي پيئان
روزُ وِچوليءَ منجھ وڙهي پوءِ
ڪوهستانيءَ ۾ پَرچايون
ٻيئي پاڻ ڏَراوڙ آهيون
آءُ تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون.

آئون سِرائڪيءَ ۾ هَر ڀيري
سَبزُ سَڄو سَنسارُ ڏسان ٿي
مُلتانيءَ ۾ مِينهُن وَسي ٿو
گُجراتيءَ ۾ گُلَ ڦُٽن ٿا
بَنگاليءَ ۾ سِڪَ لڳي ٿي!
روزُ بَلوچيءَ ۾ سِڄُ اُڀري
پرشين ۾ ٿا پَنڇي ڳائن
مارواڙيءَ ۾ مورُ ٽِلي ٿو
جيسلميري جاڳَ اسان جي
هڪڙئي کي هِنديءَ ۾ چاهيون
آخر پاڻ ڏَراوڙ آهيون
آءُ تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون.

ياد اچين ٿو سنڌيءَ ۾ تون
سنڌيءَ ۾ ٿِي هِڏڪي آهي!
رومن ۾ سنڌي ڳالهائي
سنڌيءَ ۾ تون ناءِ ٻُڌين ٿو
مان دَرَ ڪوليان سنڌيءَ ۾ ۽
سنڌيءَ ۾ تون ٻاڪُرُ پائين
ٻار جڻيون ٿا سنڌيءَ ۾ ئي
سنڌيءَ ۾ ئي پوڙها ٿيون ٿا
پنڌُ ڪيُون ٿا سنڌيءَ ۾ ٻئي
سنڌيءَ ۾ ٻئي پاڻ مَرُون ٿا
پنھنجي جيون جي تَختيءَ جي
ڪهڙي ٻي معنيٰ سمجھايون!
بلڪل پاڻ ڏَراوڙ آهيون
بيشڪ سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون
آءُ تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهايُون.

**روبينہ ابڙو**

## منھنجي سڃاڻپ سنڌي ٻولي

پڙهجي، لکجي ۽ سنڌي ڳالهائجي
هي متو آهي دراوڙ ديس جو.

❋

سنڌي ٻولي پاڙهجي جنهن ۾ نئين
ٻار ان اسڪول ۾ ڇو موڪليان!

❋

سنڌي ٻولي ساهہ ٿي اوڪو ڪٽي
شيام جا آلڪا اجايا ڪين ها.

❋

آئون ان هوٽل ۾ ويهان ڇو وڃي
بورڊ هڪڙو بہ سنڌيءَ ۾ ڪونہ هو.

❋

ديس منھنجي جي هوا ڏس جهومندي
گيت سنڌيءَ ۾ ڇوي ٿي سومرا.

❋

هو ملاحن سان ڪچهريون ٿو ڪري
سمنڊ کي سنڌي اچي ٿي سومرا.

❋

پيار جو اظهار دل سان ٿو ڪيان
ماءُ جي ٻوليءَ ۾ توسان روبرو.

❋

ها ٻليون آهن سڀئي ٻوليون مگر
ڳالهہ سنڌيءَ ۾ ڪيون ٿا سومرا.

❋

ٻارڙا اسڪول ۾ ويتا پڙهن
شاهہ جي ٻولي ٻچي ٿي سومرا.

**ادل سومرو**

سنڌي ٻوليءَ کي گهربل حيثيت ڏيارڻ لاءِ...

# ”اداري پاران آن لائن پٽيشن“

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران جاڳرتا مهم دوران هڪ آنلائن عوامي پٽيشن متعارف ڪندي، سنڌ حڪومت کان سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ هڪ عوامي اپيل سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران پيش ڪئي وئي. جيڪا هن ريت هئي:

سنڌي دنيا جي قديم ترين ۽ شاهوڪار ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا سنڌ جي ثقافتي ۽ تاريخي ورثي سان جُڙيل آهي. جيتوڻيڪ سنڌي صوبي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي، پر ان هوندي بہ سرڪاري توڙي ڪاروباري سطح تي ان جو استعمال گهٽجندو پيو وڃي. ٻوليءَ جو بچاءَ ان جي آئي وئي ڏينهن تي واپرائڻ، سرڪاري ڪاڳرن، واپار، تعليم ۽ عوامي جڳهن تي ان جي موجودگي اَوس هجڻ وقت جي اهم گهرج ٿئي ٿو.

ان ئي سلسلي ۾ اسان سنڌ حڪومت کي اپيل ڪريون ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ هيٺ ڏنل اپاءَ فوري طور تي لاڳو ڪيا وڃن:

1. جيئن سنڌ حڪومت جي لوگو ۾ سنڌي ۽ اردوءَ لکيل آهن، ايئن ئي سنڌ جي هر سرڪاري اداري جو نالو پهرين سنڌي، پوءِ اردو ۽ آخر ۾ انگريزيءَ ۾ لکيا وڃن.
2. سنڌ جي هر سرڪاري کاتي جو ريڪارڊ توڙي لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي قرار ڏني وڃي.
3. سنڌ جي روڊن رستن، هاءِ ويز سان گڏ شهرن ۽ ڳوٺن ٻاهران نالن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي لکيا وڃن.
4. سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي، سکر،حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ٻين شهرن ۾ گهٽين، پاڙن، علائقن جي نالن جا بورڊ، هدايتون ۽ ٽرئفڪ جي قاعدن وارا بورڊ سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي قرار ڏنا وڃن.
5. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ قومي توڙي گهڻ قومي ڪمپنين، انساني ۽ زرعي دوائن جي ادارن، شربتن توڙي عام واهپي جون شين ۽ سامان وڪڻندڙ ڪمپنين کي پابند بڻايو وڃي تہ پنهنجي وکرن تي سڄاڻپي نالا اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي لکيا وڃن.
6. سنڌ جي هڙني بس اسٽاپن، اسٽيشنن توڙي هوائي اڏن تي انهن جي سنڌي نالن لکڻ سان گڏ ”ڀلي ڪري آيا“ پڻ لکرائڻ گهرجي.
7. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ آبادڪاريءَ لاءِ جڳهيون اڏيندڙن، تيل ۽ گئس جي ڪمپنين، ٻاهرين خانگي ادارن کي پڻ پابند بڻايو وڃي تہ اهي پنهنجن ماڻهن کي سڌ سماءَ ڏيڻ وارو مواد سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي ڇپائين.
8. سنڌ جي خانگي اسڪولن کي سختيءَ سان پابند بڻايو وڃي




تہ اهي اسڪولن ۾ سنڌيءَ جي سبجيڪٽ کي بہ انگريزي ۽ ٻين ٻولين جي معيار وانگي پرهائين ۽ ان سلسلي ۾ هفتي ۾ چار ڪلاس لازمي پڙهائين. سنڌي نہ پڙهائيندڙ يا سرڪاري پاليسين موجب نہ پڙهائيندڙ اسڪولن جي رجسٽريشن ختم ڪئي وڃي.

* توهان جو ساٿ ڇو ضروري آهي؟

ٻوليون تڏهن زنده رهنديون آهن، جڏهن انهن جو استعمال انساني ڪاروهنوار، تعليم، سرڪاري ادارن ۽ ڪاروبارن ۾ عام ٿيندو. جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي اک موڙي وئي تہ ايندڙ نسل پنهنجي سڃاڻپ ۽ ورثي کان محروم ٿي ويندو. ان سلسلي ۾ اسان سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ فوري قدم کنيا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪريو!

***

# سنڌي ٻولي پرچار ڪميٽيون (ضلعي وار)

## مقصد ۽ ڪم

- پنهنجن شهرن جي مڪاني ادارن، ميونسپل ڪميٽين ۽ واپاري تنظيمن سان ملاقاتون ڪري روڊن رستن، دفترن، دڪانن جا بورڊ ۽ بي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ.
- خانگي اسڪولن جو جائزو وٺي سنڌي نه پڙهائيندڙ يا هفتي ۾ چئن ڪلاسن کان گهٽ پڙهائيندڙ اسڪولن جي انتظاميا سان ملاقاتون ڪري ڪين سنڌ حڪومت جون پاليسيون سمجهائڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ.

### لاڙڪاڻو

- پروفيسر مختيار سمون - 03337568330
- پروفيسر رضوان گل - 03337553823
- وفا صالح راڄپر - 03333670955
- ملهار سنڌي - 03342240958
- سيد جاويد شاهه - 03337548416
- عزيز قاسماڻي - 03342003003
- ايڊووڪيٽ ستار هليو - 03155522205
- حنيف سهاڳ - 03003418445
- عيسيٰ ميمڻ - 03337555986

### ٺٽو

- ڊاڪٽر محمد علي مانجهي - 03212300728
- رمضان ميمڻ - 03213050907
- صادق لاکو - 03156564934
- اقبال جاکرو - 03213273785
- محبوب بروهي - 03218903110
- اعجاز پليجو - 03332845305
- ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ - 03022721970
- ايڊووڪيٽ اعجاز شاهه
- خان محمد هاليو
- محبوب درس

### خيرپور ميرس

- مختيار ملڪ
- ڊاڪٽر مشتاق ڦل
- ڊاڪٽر مهر خادم
- امر اقبال
- ابراهيم ڪرل
- منظور اڄڻ
- ايڊووڪيٽ علي احمد ميمڻ
- روشن شيخ
- حبدار جاگيراڻي

### گهوٽڪي

- اياز لطيف دايو - 03037227120
- صفر ڪلهوڙو - 03003159757
- جميل سومرو - 03337242432
- امر ڪهاوڙ - 03003263697
- رئوف پارس - 03003130129
- محمد دين راڄڙي - 03324177619
- جي ايم لاڙڪ - 03023362350

### قمبر شهدادڪوٽ

- پائوڊر محمد پرڙو - 03337537311
- پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو - 03337501948
- بشير احمد آچو - 03337535219
- خادم رند - 03337533024
- ايڊووڪيٽ فراز علي ھڪڙو - 03353914755
- محمد صفر گوپانگ - 03337512938

### نوشهروفيروز

- اسلم عباسي - 03003062922
- پروفيسر عبدالستار ابڙو - 03009376896
- پروفيسر شمشاد سومرو - 03015884582
- عبدالله جيسر - 03333504055
- پروفيسر اصغر پٽي - 03013801678
- عبدالجبار ملاح - 03063922755

### سانگهڙ

- شريف مصراڻي - 03332913724
- مير حسن مري - 03342891499
- استاد نظاماڻي - 03332698093
- نواز ڪنڀر - 03332911599
- عاجز منگي - 03332911588
- عبدالله چانڊيو
- اخلاق ورياهه


### ٿرپارڪر

- خالد ڪنڀار - 03333749464
- ڪاناڻو جاني - 03332500586
- نصير ڪنڀر - 03332514001
- چمن آرٽري - 03443528582
- پيارو شيواڻي - 03332500252
- ممتاز نهڙيو - 03332510620
- دليپ امر - 03332694995



# سنڌي ٻولي-قومي ٻولي جاڳرتا مهم






سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو حضرت شاهه عبداللطيف جو ڪلام "سنڌيءَ" ۾ آهي. شاهه جي ڪلام کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي. اسان وٽ شاهه جي ڪلام کان سواءِ ٻيو آهي ئي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو قومي سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي اُها ئي حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو ته معنيٰ شاهه لطيف کي ڇڏي ڏنوسون ۽ اها اسان کي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي.

جهڙيءَ طرح قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي.

سنڌي زبان هڪ موسيقيءَ واري ٻولي (Musical Language) آهي ۽ موسيقي سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي، انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀني کان وڏي شاعر شيسپيئر جي چند شعرن کي به ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي سِٽ سِٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

"ٻوليون چند سالن ۾ نه پر هزارن ورهين جي تجربي کان پوءِ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي. گرامر پوءِ ٺهي ٿو، ٻولي ڀريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ ٻه صديون اڳ جي پيداوار هوندو آهي. ان کان اڳ ٻوليءَ جي ترقي ۽ نشو و نما موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي. اهي ٻوليون ائين گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وڻندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي موسيقيءَ جي خصوصيت کان انهيءَ ڪري محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجوده انگريزن جا ابا ڏاڏا جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ اُن کي جرمن ٻوليءَ وانگر سُر-تال تي اُڀرڻ نه ڏنائون."




_ علامه آءِ_آءِ قاضي

انگريزن جي حڪومت، سنڌ لاءِ هڪ تعليمي پاليسي پڻ ٺاهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ هڪ رٿا پڻ منظور ڪئي. اُن رٿا موجب اهو فيصلو ڪيو ويو ته:

1. سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ معياري صورتخطي مقرر ڪئي وڃي.
2. سنڌ جي سڀني اسڪولن ۾ مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي.
3. سڀني سرڪاري دفترن ۽ ڪورٽن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪيو وڃي.
4. سرڪاري آفيسرن لاءِ، سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ڪئي وڃي.
5. سنڌي ٻوليءَ ۾، درسي توڙي ٻين معياري ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، ۽ مترجمن لاءِ انعام رکيا وڃن.
6. سنڌ ۾ تعليم کاتو قائم ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ اسڪولن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ نصابي مواد تيار ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکائڻ ۽ ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.
7. سنڌ ۾، تعليم کاتي ۾ 'ترجمي لاءِ مرڪز' (Cell) قائم ڪيو وڃي.
8. سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ، ڪميٽي جوڙي وڃي.
9. سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪيا وڃن.
10. سرڪاري طور اخبارون ڪڍيون وڃن.
11. سرڪاري اشتهار، سرڪيولر ۽ نوٽيس وغيره سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري ڪرڻ لاءِ احڪام جاري ڪيا ويا.

مطلب ته انگريزن جي حڪومت، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿائون منظور ڪيون ۽ اُنهن تي عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو ويو. اها ڪا معمولي ڳالهه ڪانه ڇئبي.



ڊاڪٽر غلام علي الانا



شيخ اياز

ميان تون ته اچا نه ٿو، سنڌيءَ ۾ سوچين،
پنهنجو پاڻ ڪرين، روز ٻيو تون ترجمو!

❋

جيڪا ٻولي تڄ سان، تنهنجي پيٽِ پئي،
سا تو ڪيئن ڪئي، اڄڪلهه آهي اوپري!

ماڻهن جي ثقافتي زندگيءَ جو بنياد سندن ٻوليءَ تي هوندو آهي. ايتري قدر جو جڏهن ڪا ٻولي پنهنجي علحده ۽ مخصوص صورت ۾ ظاهر ٿي بيهندي آهي، تڏهن چئي سگهبو آهي ته هڪ علحده ۽ مخصوص ثقافت وجود ۾ آئي آهي. اسان جو عقيدو آهي ته انهيءَ حقيقت جي روشنيءَ ۾ اسان جي سنڌي ثقافت به هڪ علحده ۽ مخصوص ثقافت آهي، جنهن جو بنياد اسان جي سنڌي ٻوليءَ تي آهي.

اسين پنهنجي اُن بنياد کي ضايع ڪرڻ نٿا چاهيون، ڇو ته اُن جي ضايع ٿيڻ سان هزارها سالن جي هڪ انمول ۽ بي مثل انساني حاصلات ضايع ٿي ويندي، ۽ اُهو اسان جو، پاڪستان جو، اسلام جو، انسان ذات جو هڪ عظيم ۽ ڪڏهن به نه پورو ٿيندڙ نقصان ٿيندو. اُن جي مٽجڻ سان اسين به مٽجي وينداسين ۽ اسين مٽجڻ نٿا چاهيون.



_ محمد ابراهيم جويو



